

ڪيئن رهان جلاوطن
(ٽيون ايڊيشن نئين ڪلام سان گڏ)
آڪاش انصاري

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوڀار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

ڪيئن رهان جلاوطن

(شاعري)

(ٽيون ايڊيشن نئين ڪلام سان گڏ)

SOORIH SINDHI ADAB

ڊاڪٽر آڪاش انصاري

SBC

سنڌ بڪ ڪلب، حيدرآباد/ نوابشاهه

2002ع

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو	:	ڪيئن رهان جلاوطن
موضوع	:	شاعري
شاعر	:	ڊاڪٽر آڪاش انصاري
ڇپائيندڙ	:	احمد ضياءَ
		سنڌ بڪ ڪلب، حيدرآباد / نوابشاهه
پهريون ايڊيشن	:	جنوري 1990ع
ٻيون ايڊيشن	:	مئي 2000ع
ٽيون ايڊيشن	:	مئي 2002ع
قيمت	:	120 /-

SOORIH SINDHI ADAB

ملڻ جا هنڌ:

- شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد
- ڪاٺياواڙ بُڪ اسٽور، اردو بازار ڪراچي
- عزيز ڪتاب گهر، افغان سينٽر سکر
- يونائيٽيڊ بڪ لينڊ، نزد گهنٽا گهر سکر
- ڪتاب مرڪز، شاهي بازار سکر
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- نئون نياپو ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- سنڌ بڪ ڪلب سيل پوائنٽ، نزد فائر برگيڊ نوابشاهه

جا مُرڪ مون کان وئي ڪسي تنهن مُرڪ جو آهي قسم،
مان رَتُ رُنس جو ظالمو! تنهن لڙڪ جو آهي قسم،
جيجل جي منڙي ٿيج جي، هر سُرڪ جو آهي قسم،
پلئه ڪندس، پلئه ڪندس اي وقت! توسان آ وچن!
مان ڪيئن رهان جلاوطن، مان ڪيئن رهان جلاوطن؟

آڪاش

ارپنا

تنهنجو ڏنو،
تو کي ارپيو.

- آڪاش

فهرست

شاعر پاران 10
مهاڳ ـ ف م لاشاري 12
ٻئي ڇاپي جو مهاڳ ـ جامي چانڊيو 14
جلاوطن 29
پنهنجي آئيندي جي نالي 30
اسان جي مئاسين 32
جڏهن ٻه توکي وسارڻ چاهيم 33
جيون پانيان تو او جيڏا 35
گهر جي گندي 37
اڄ ماٺهو ماٺهو 38
اوچتو ئي اوچتو 40
جڏهين ڪنهن ٻه بادل 44
تون ته بيدرد. بي قدر آهين 45
توهر جي تڃ 46
آڪاٽي 47
وقت آ جهنگلي مچريل گهوڙو 49
وٺي جي ولهه راتڙي 51
مگر دل هي پاگل 52
ڪو تن ڪي ٻڌائي ڇڏي ماجرا 54
جيڪي ماٺيو اٿئون 56

اڙي عشق 57
موتين جهڙا ماڻهو 58
فاضل جي شهادت تي 60
هڪ نماڻو عرض 62
مٽيءَ جي خوشبو 64
بند اکڙين منجهان 65
ڪالهه لنگهي ويا قافلا 66
آفريڪي شاعر بنجمن مولائس جي قتل تي 67
واعظ 70
تنهنجي ڳچي جا داغ هي ڳاڙها 72
اجا پره پرڀري 74
ڪير ٿو چئي ڏيهه ۾ 75
شل انهيءَ کان اڳي 76
اهو سڀ ڇاهي؟ 77
او امان او امان 79
وڪجي ويا 84
سارو ڏيهه ڏياچ 85
هڪ سپني جي ساپيا خاطر 86
اڙي دل 90
تنهنجي گهورن جي گهٽا 94
اُجاڙي اجها 95
هي قاتل 96
هڪ عيد ڪارڊ 102
انقلاب جي نانءُ 104
دنيا ڪي پلا ڇاهي 106
ڏوهه ڪنهنڪي ڏيون 107
مدتن کان من اندر ماتم 109
جلون ۾ تنهنجي 110

نيوٽران بم جي ٺاهيندڙ ڏانهن 111
جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا 113
جڳن جڳن کان 114
منهنجا مارو مرڪن ٿا 116
هوبهو تو جيان 117
جيئڻ لاءِ جڳ ۾ 118
آڳريون مشعلون بڻائي وٺو 119
لطيف کان هڪ سوال 121
گهر جا ڪتا 122
روح جي رڻ ۾ 123
طبيب ڪجھ تہ ٽپاسي ڏس تون 125
اڌورا ۽ اڻپورا گيت 127
آخر ڪائي ڳالھ تہ هئي 128
سورج جي ڏند ڪٿا 130
رڳو ٿر جي صحرا تي 132
تلاشي 133
منهنجي نگريءَ جي نينگرين کي چئو 135
تاريخ جو ننڍڙو نقطو 137
راھو جو رت ريٽو 142
آگسٽ 1983 144
توسان نہ ملان ها! 147
مان هليو چو ويس 148
منهنجو ڪتبو 151
هي دنيا 152

شاعر پاران

ڪائنات وڏو جيڪي ڪشڪول ۾.....

پنهنجي شاعري ۾ ان جي محرڪن تي شاعر پاران لکڻ هڪ بي سبب ڳالهه آهي. هون به خود شاعري پاڻ پنهنجي شاعر جي دردن، ادمن ۽ خيالن جو موثر اظهار آهي.

ڪنهن شاعر لاءِ هروڀرو اهو به ضروري ناهي ته ساڳئي وقت دانشور به هجي. خود شاعري به فلسفي کان جدا شي آهي جنهن جا پنهنجا منطق ۽ دليل آهن.

منهنجي شاعري تي منهنجي ڪابه ذهني مالڪي ناهي منهنجي شاعري انهن سيني جي ۽ انهن سيني لاءِ آهي، جيڪي مون سان سياسي ۽ نظرياتي طرح مختلف هوندي منهنجي شاعري کي پنهنجو ٿا ڀائين ۽ ان ۾ پنهنجو پنهنجو درد ٿا ڳولين. جيئن هر مني آبشار تي هر پيئندڙ جو حق ٿئي ٿو.

جيئن هر تخليق ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان پنهنجي دؤر ۽ ان دؤر جي ڪک مان جنم وٺندڙ سماجي ۽ فڪري محرڪن ڏانهن جوابدر رهي ٿي، ساڳي ريت منهنجي شاعري کي آئون جوابدار سمجهان ٿو پنهنجي ديس، ديس جي ماڻهن ۽ پنهنجي دؤر جي عالمي تاريخ ڏانهن. منهنجو ايمان آهي جيڪا تخليق ظلم ۽ ڏاڍائي سان نفرت ڪرڻ جي روش کان وانجهي آهي، اها ڪڏهين به هيٺي سان محبت ۽ ڪمزور جو پرجهلو ۽ طرفدار نٿي ٿي سگهي.

جيئن هر شاعر کي اظهار لاءِ ڪا خاص صنف ۽ ٽيڪنڪ وڌيڪ اپيل ڪندي آهي، تيئن مون کي به آزاد نظم وڌيڪ وڻندو

آهي. ڇو ته شاعري نالو ئي اظهار جي هڪ مخصوص رويئي جو آهي ۽ اظهار جي جيڪا Relexation آزاد نظم ۾ رهي ٿي اها شاعري جي ٻي ڪنهن به پابند صنف ۾ گهٽيل ۽ ٻوساٽيل رهجيو ٿي وڃي.
بقول ڪنول لهاٽي جي:

جيڪڏهين خيال کي مجروح ٿئي،
رديف ته ڇا، ڪافيا به ڀڃي سگهجن ٿا.

ساڳئي وقت ٻين نثري صنفن جي ابتڙ شاعري جو تاڃي پيٽو صرف پنهنجي ڌرتي، ڪلچر ۽ ٻولي جي سرچشمن مان جنم ٿو وٺي، سو جيڪو به نظم يا شاعري پنهنجي ٻولي جي مٽاس، ڌرتي ۽ ڪلچر جي رس دار سرچشمن کان پالهو رهي ٿي سو ٻيو ته سڀ ٿي سگهي ٿي پر شاعري نه.

آخر ۾ آئون انهن سيني دوستن جو دلي طرح ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب کي توهان جي هٿن تائين پهچائڻ لاءِ محنت ۽ جاکوڙ ڪئي خصوصن ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جنهن هن سڄي مواد کي سهيڙيو ۽ منهنجي شاعرانه سُستي تي وقت به وقت تنقيد ڪندو رهيو. عبدالحميد جوڻيجه جنهن ڪتاب کي پبلشنگ جي خوبصورتيءَ سان نوازيو، ڀاءُ خالد نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر ايوب جروار، جن جي محبت ڀرئي اسرار ڪتاب ڇپرائڻ جي ڪم کي اڳتي ڪنيو ۽ مفيد مشورن لاءِ جناب نثار حسيني صاحب جو ۽ آخر ۾ دلي طرح ٿورائتو آهيان محترم مهربان جناب عبدالغفور ڪريمي صاحب جو جيڪو پنهنجي خلوص ۽ عنايت نه ڪري ها ته جيڪر هي ڪتاب وقت سر توهان تائين نه پهچي سگهي ها.

جنوري 1990ع
بدين سنڌ

آڪاش انصاري

مهاڳ (ٻهريون ڇاپو)

شاعر آڪاش انصاري، سنڌ جي اهڙي تاريخي دؤر جي پيداوار آهي، جڏهن هتي پاڻ مڃائڻ، نئين ماڻهو لاءِ ڪٺن ڪم ٿيو وڃي ٿو. ڪٺن ان ڪري ته، نئين شاعر کي ٻيتائي، سچل، تنوير، انور، امداد، استاد بخاري ۽ سوين هزارين شاعرن جي وچ ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهڻي ٿي پوي.

پر دليل ڏيڻ جو اهو طريقو به شايد درست نه هجي، شيڪسپيئر کان پوءِ انگريزي شاعري بيهي نه ويئي ۽ نه وري ڪاليداس کان پوءِ هندستاني شاعري ۾ ڪا ڪمي ٿي. رڳو سنڌ ۾ ڀٽائي ۽ اياز ۾ ٻن صدين جو خال، ٻن چئن شاعرن کي ڇڏي. ان ڪري ٿو نظر اچي، جو ان لاءِ تاريخي حالتون ذميوار آهن. شاعري ته ٿيندي رهي پر ڀٽائي تي سنڌي شاعري ڪلاسڪ ۾ داخل ٿي هئي، جتان وري ان لوڪ شاعري يا سگهڙن ڏانهن موٽ کاڌي، جو سنڌي سماج ۾ نئين پيداواري قوتن جي اوسر و رو ڪم رڪجي ويو هو.

پنجاب ۾ به ڪلاسيڪي شاعري پوئتي موٽ کاڌي هئي ۽ وري جڏهن اقبال سيالڪوٽ مان شاعر ٿي اڀريو تڏهن اتي ٿوري گهڻي صنعت ڪاري ٿي چڪي هئي، پر ان سفر ۾ اتي اردو ۽ فارسي، پنجابي زبان جو جديد ادبي جو مرتبو ڪائي چڪيون هيون. ايئن ته سنڌ ۾ به فارسي شاعري ٿيندي رهي ۽ اڄ به عجائب گهر ۾ رکڻ جهڙو ڪونه ڪو فارسي جو سنڌيل شاعر ملي ويندو، جنهن جي شعر ۾ "۽" "۽" "آهي" کان سواءِ سنڌي ٻولي جو واس تيل جي ڳولا وانگر ڪوتائي ڪرڻ سان به نه ملي سگهندو. هوئن به تخليق جو سفر ته زندگي جي قافلي سان گڏ آهي، اهو ڪٿي به بيهڻو ڪونهي، دنيا، ڀٽائي ۽ ايلز تي اچي بيهي ڪونه ٿي، پاڻ اهي سندس واٽ جا نشان آهن، جتان جدوجهد جو قافلو وڏيڪ ثمر ڪٺي اڳتي وڌي ٿو. فنڪار ۽ جينيئس جي ذهن جا دروازا کليل هوندا آهن ۽ اتي گهڻو ڪجهه سمائجي سگهندو آهي ته وري تخليق جي سخاوت به کليل دل سان ٿيندي آهي ڀٽائي. اياز ۽ آڪاش ان سخاوت جا روپ آهن هر فنڪار ۽ ليکڪ اُن سخاوت جو روپ آهي.

تاريخ، پاڻ ماڻهن کي ڏکن ڏيڻ ۾ حاتم طائي واري سخاوت ڪئي آهي ۽ ان سخاوت اسان کي هر دور ۾ عظيم فنڪار ۽ تخليق ڪار ڏنا آهن.

آڪاش انصاري انهن تخليق ڪارن مان آهي، جنهن کي پنهنجي انفراديت، پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي شاعرانه سونهن، پنهنجو ردم ۽ پنهنجا فڪري رويا آهن.

آڪاش جي شاعري ۽ لاڙ جي سياسي جاگرافي ۾ عجيب هڪجهڙائي آهي. آڪاش جي مٽي بدين جي مٽي آهي. جنهن ۾ رويا ماڙي، وڳهه ڪوٽ، رڻ ڪڇ. سمنڊ. ٿر، يونين ٽيڪساس جو ڳولهي ڪڍيل تيل، وِلهه گاڏڙ هوائون ۽ لاڙي ڇانورن

جو واس سڀ شامل آهن.

اُن جاگرافي تي تاريخي جبر وارا پهلو به لاڳو ٿين ٿا، جن ۾ 1947ع کان پوءِ پيدا ٿيل راڪاسن جون جنگي ۽ سياسي حڪمت عمليون لهيون ۽ ان جاگرافي جو ٻيو لازمي پاسو هي آهي ته بدين سنڌ آهي. هي سڀ ڳالهيون، هڪ پڙهيل لکيل نوجوان تائين اهڙي نموني پهچن ٿيون جو هو، شاعر ۽ سياسي اڳواڻ، آڪاش انصاري جي نالي سان سنڌ جي اُفق تي نروار ٿئي ٿو ۽ عجيب نموني نروار ٿئي ٿو. شاعرائي، ملنگ مست طبيعت وارو آڪاش جنهن ۾ محبتون ئي محبتون ڀريل آهن، جيڪو تند جي سامهون راءِ ڏياچ جو ڪو نئون روپ ۽ ڪردار ٿو لڳي سو سياست به ڪري ٿو. مروج سياست جا ماڻهن کي تلخ تجربا آهن، خود ترقي پسند سياست ۾ به ڪيئي سچ انائن جي ٽياس تي اپگهات ڪري چڪا آهن، اتي اسان جو هي دلبر همراهه پنهنجي مڪمل شاعرائي وجود سان ذري جي به رعايت ڏيڻ کان نابري واري موجود آهي، سندس اها موجودگي سياست ۾ سچ جي جاءِ والارڻ جو ڏس آهي. هو پنهنجي روين ۾ مڪمل شاعر آهي ۽ سياست ۾ به انهن روين سان موجود آهي، جيڪي بنيادي طرح انسان دوست ورتاءُ آهن.

آئون آڪاش جي شاعرائي سفر جو شاهد آهيان. جو مون هلال منگزين ۾ 81-1982ع واري عرصي ۾ .سندس شاعري ڇاپي، ان وقت ۽ هاڻي به آڪاش جي شاعري، مونکي ناول سدارٿ جي اهڙن ڀن ڪردارن جي ڪيل شاعري لڳندي آهي جن ذهني يڪسوئي جي سکيا، درياهه جي لهرن تي پهرن جا پهر ۽ ڏينهن جا ڏينهن تڪ هٽي مشق ڪرڻ ذريعي ورتي هجي.

سندس نظم معاملن ۽ حالتن جي تيز ۽ تکي وهڪري واري درياءَ جي هر لهر جو تفصيلي مطالعو آهن، انهن لهرن ۾ ڪٿي دنيا جي امن جو لاش، ڪٿي آمي ۽ قابي جي عصمتن جا پٽيل اُره، ڪٿي عقيدن جا ڀرم، ڪٿي پاڻ کي ڳولڻ جي ضرورت کان وڌيل سودائن جا جنازا ۽ ڪٿي ماروئن جا گهٽيل لڙڪ لڙن ٿا.

هن جي شعرن ۾ درد، فلسفي ۽ جدوجهد جا گڏيل ۽ رچيل رنگ به موجود آهن، ته سياسي جلسن ۾ پنهنجي وطن جي ماڻهن کي گڏ ۽ متحد ڪرڻ واري شاعري به ملي ٿي. هو ساڳئي وقت مست ملنگ ۽ لا اُبالي شاعر آهي ته هڪ بيباڪ انقلابي ميدان جو شهسوار پڻ. ٻي خاص ڳالهه اها آهي ته آڪاش پنهنجي شاعري ۾ زندگي جي فلسفياڻن پاسن کي سمجهڻ ۾ سؤلو به بڻايو آهي، اها ڳالهه سندس جذبي جي واضح چٽائي ۽ فهم جو ڏس ڏئي ٿي، ته سندس شاعري جي رومانوي رنگ به اُڀاري آڻي ٿي.

آڪاش پشم جي گولن جهڙو نرم ۽ نازڪ ۽ هيري جهڙو مضبوط شاعر آهي ۽ منجهس تمام گهڻو شاعرائو وٿ موجود آهي، جيڪو وقت سان گڏ سامهون ايندو رهندو.

ف - م لاشاري

ڪراچي
1 جنوري 1990ع

ٻئي ايڊيشن جو مهاڳ

محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر

انسان پنهنجي سموري تهذيبي سفر ۾ جيڪي عظيم ترين ۽ عجيب و غريب شعبا ۽ شيون تخليق ڪيون آهن، انهن ۾ فن جو ۽ فن جي دنيا ۾ وري شاعريءَ جو وڏو درجو آهي. انسان جي سچي تهذيبي سفر ۽ ان جي هم- گير اوسر جي اتهاس مان جيڪڏهن لطيف فَن کي ۽ اُن ۾ به شاعريءَ کي ڪڍي ڇڏجي ته پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته انسان نه ته ايترو اڳتي وڌي سگهي ها ۽ نه ئي ماڻهپي جون وڏيون منزلون ماڻي سگهي ها. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته انساني تهذيب جي تاريخ جي پاڇي ٻُڙي هجي ها. انسان، ٻين ساهوارن کان فقط هڪڙي ڳالهه ۾ ئي منفرد ۽ ممتاز آهي ۽ اُهو آهي تصور ڪرڻ، پُرپچائڻ، سوچڻ ۽ خواب ڏسڻ ۽ انسان توڙي انساني تهذيب جي تصورن، پُورن، لطيف ويچارن، احساسن ۽ خوابن جي جيتري سيڙپ شاعريءَ ۾ ٿيل آهي، اوتري شايد ئي ڪنهن ٻئي شعبي ۾ ٿيل هجي. شاعري انسان جي لطيف تصورن، خوبصورت خوابن ۽ ان جي درد جي سمورن دائرن جي تاريخ آهي. هونئن ته هر انسان ۽ مجموعي طور هرخطو ۽ معاشرو سوچي، لوچي ۽ خواب ڏسي ٿو پر اوپر، نندي ڪنڊ ۽ ان ۾ به خاص طور تي سنڌ جي سرشت ۾، شاعري سمايل رهي آهي. اڄوڪي دور ۾ ڀل ته اسين زندگيءَ جي انيڪ شعبن ۾ دنيا کان ۽ پنهنجي هم عصر عالمي دور کان گهڻو گهڻو پوئتي هجون پر هن ننڍڙي دنيا اندر هڪ وشال دنيا اهڙي به آهي، جنهن ۾ اسين رڳو زماني جهڙا ئي نه، پر ان کان ڪنهن حد تائين

اڳتي به آهيون ۽ اها دنيا آهي دل جي، جنهن جو ڀرپور ۽ بهترين اظهار شاعريءَ ۾ ٿي ٿي سگهي ٿو.

ان ڳالهه متعلق ته ڪي ٻه رايا نه آهن ته، سنڌي ڪنڌ جون ڪلاسيڪي توڙي جديد شعري روايتون شاندار رهيون آهن. سنسڪرت، هندي، سرائيڪي، پنجابي، سنڌي، اردو ۽ بنگالي ٻولين جي تاريخ، عظيم شاعريءَ جي حوالي سان اُملهه روايتن جي امين رهي آهي ۽ وڏي ڀاڳ جي ڳالهه آهي ته اها روايت صدين گذرڻ کان پوءِ به نه رڳو زنده آهي، پر وڌيڪ ويرؤن وڌ آهي، اسان جو آڪاش انصاري به جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ان روايت جو تسلسل آهي. سنڌي ڪنڌ جي قديم ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جا انيڪ رنگ ۽ رجحان رهيا آهن پر ان جو محور ۽ محرڪ تصوف هو. جيتوڻيڪ تصوف جا به گهڻا رنگ رهيا آهن ۽ ان جي هر رنگ جون پنهنجون ڏارائون رهيون آهن پر پوءِ به پنهنجي جوهر ۾ اُهي سمورا رنگ تصوف جا هئا. هر فڪر ڪي هڪ خاص عالمي يا معروضي دور گهرجي ۽ پس و پيش ملي ٿو. ايئن تصوف کي به ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صورت ۾ سنڌي ڪنڌ ۾ هڪ ڀرپور دور ۽ ان جي زمين ملي، هتي ان موضوع جي تفصيل ۾ وڃڻ جي گنجائش نه آهي، پر ڳالهه کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ايئن چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ڪنڌ ۾ جديد شاعريءَ جو دور، ترقي پسند ادبي تحريڪ کان پوءِ آيو. اها ترقي پسند تحريڪ، جنهن جي نتيجي ۾، سنڌي ڪنڌ ۾ رابندرانات ٽئگور، جيوانداس، اقبال، جوش، فيض ۽ شيخ اياز سامهون اچن ٿا. سنڌي ڪنڌ ۾ جديد شاعريءَ جي روايت ان کري به بي پناهه پختگي ۽ حُسناڪيءَ سان سامهون آئي جو اُن نه رڳو پنهنجي همعصر عالمي دور جي سگهارن قدرن ۽ فڪري روين سان پاڻ کي سلهاڙيو، پر ان کي پنهنجي عظيم ڪلاسيڪي شعري ورثي جي روايتن سان ڳنڍي، نئين شعري روايت کي نئون جنم نه ڏنو پر حقيقت ۾ هڪ نئين دور کي تخليق ڪيو- اهو دور جنهن جو تسلسل اسان وٽ ٻين سان گڏ آڪاش انصاري به آهي.

آڪاش انصاريءَ، شاعريءَ جي ميدان ۾ ان وقت قدم رکيو، جنهن جي ماضيءَ ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي حوالي سان لطيف جهڙو يگانو ۽ جبل جيڏو شاعر موجود هو ته جديد دور ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، امداد حسيني ۽ نارائڻ شيام موجود هئا. اهڙي پس منظر ۾ هڪ نئين شاعر جو سامهون اچڻ ۽ پنهنجيءَ پوري انفراديت، اظهار ۽ اسلوب توڙي فڪر جي جدت سان سامهون اچڻ، ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي، جيڪا آڪاش انصاريءَ ڪاميابي سان ڪري ڏيکاري. جيئن اياز جي عظيم شاعري (جنهن ۾ مان هن جي پوئين دور کي شامل نه ٿو ڪريان.) هڪ خاص دور جي پيداوار هئي، تيئن آڪاش جي شاعري به هڪ مخصوص دور جي پيداوار آهي. اهو دور جيڪو ڪامڻ، پچڻ، پچرڻ، لوچڻ ۽ لُڇڻ جو دور هو. اهو دور جنهن ۾ محبتن ۽ نفرتن پنهنجا ڇيهه ڪري ڇڏيا هئا، جنهن ۾ محبتن جو محور انقلاب هو ۽ انقلاب ۾ به رومانس ڳوليو ويندو هو. اهو دور جنهن ۾ گلابي ۽ ناسي ڇپن تي سُرخ نعرا ۽ گيت هوندا هئا. اهو دور جيڪو گهٽو پراٺو ناهي، سنڌ جي بنهه ويجهي ماضيءَ جو دور آهي. اُهو دور جيڪو آڪاش جي زباني، پنهنجي "آئيندي" (جنهن کي انقلاب سان به تعبير ڪري سگهجي ٿو) سان هيئن مخاطب ٿيندو هو:

پيجليا ڪجهه بول!
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!
سر سکن جيئن اُجلي اَڇا،
جنهن وقت جهليندين جهول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

يعني اهو دور، جڏهن سارو ڏيهه "ڏياچ" هو. سياست هجي يا ادب ۽ فن، ان ۾ هر تشنه دور، پنهنجي تخليقي اظهار لاءِ ڪردار ڳولي ٿو. اُهي ور ڀاڳ وارا هجن ٿا، جن کي پنهنجي اظهار لاءِ شيخ اياز، استاد بخاري ۽ آڪاش ملن ٿا ۽ ساڳي وقت بختاور آهن

اُهي ڪردار جن ڪي پنهنجي بي پناهہ تخليقي سگهہ جي اظهار لاءِ تشنہ دور ملن ٿا. جيتوڻيڪ آڪاش انصاريءَ جي شاعري نندي ڪنڊ توڙي سنڌ جي جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ جو تسلسل بہ آهي. پر ان ۾ جدتن جون نيون منزلون بہ آهن. اُها جدت هن جي اظهار ۽ اسلوب ۾ بہ آهي تہ هن جي ٻولي ۽ موضوعن ۾ بہ آهي. اها جدت هن جي فارم ۾ بہ آهي تہ هن جي فڪري، سماجياتي ۽ جمالياتي روين ۾ بہ آهي. جيتوڻيڪ آڪاش انصاري منهنجو بنهہ ويجهو ۽ دل گهريو ذاتي دوست آهي ۽ هن جي شاعريءَ کي بہ مون سدائين ۽ بار بار وڏيءَ محبت سان پئي پڙهيو آهي، هر سٺي ۽ يگاني شاعريءَ وانگر، مون هن کي بار بار پڙهندي بہ هميشہ انجواءِ ڪيو آهي. مون هن جي شاعريءَ جون جيڪي بنيادي خوبيون محسوس پئي ڪيون آهن، چاهيان ٿو تہ هتي انهن جو مختصر ذڪر ڪريان.

شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ هڪڙو ڪم آهي پر ان جي پرک ڪرڻ، ان مان نتيجا ڪڍڻ ۽ ان جا فڪري ۽ فني محرڪ ڳولڻ نہ رڳو هڪ فن آهي پر هڪ بنهہ حساس ۽ ڏکيو ڪم آهي. ان ڪم کي ادب ۽ فن جي علمي دنيا ۾ "تنقيد جو علم ۽ فن" چئجي ٿو، جيڪو سنڌ ۾ اڃا پوريءَ ريت متعارف بہ ٿي نہ سگهيو آهي. آڪاش انصاريءَ کي مان محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر سمجهان ٿو. اهي ٽيئي، انساني تهذيب جي سموري سفر جا وڏي ۾ وڏا قدر آهن ۽ جڏهن اهڙا عظيم قدر، شاعريءَ، ادب ۽ فن جا مُحرڪ ٿي پون تہ پوءِ اهڙو ادب انساني تهذيب جو وڏو سرمايو ٿي پوي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مان آڪاش جي شاعريءَ کي سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج جو سرمايو سمجهان ٿو. آڪاش محبت ۽ مزاحمت جو شاعر آهي. هن جي محبت ايڏي تہ شديد ۽ سگهاري آهي، جو اُها مزاحمت کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهي ۽ هن جي مزاحمت ايڏي حُسناڪ ۽ لطيف آهي، جو اُها محبت کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هٿيار نہ ٿي رکي. هن وٽ مزاحمت آهي، هر اُن شيءِ لاءِ جيڪا محبت، حسن ۽ ماڻهپي لاءِ خطرو هجي. "تُوهر جي ٽيج"، "او، امان!"، "اڙي دل!"،

"جلاوطن"، "رڳو ٿر جي صحرا تي..."، "آگسٽ 1983ع" ۽ "مان هليو ڇو ويس" جهڙا نظم سنڌ جي مزاحمتي شاعريءَ جي آسمان تي سدا چمڪندڙ انهن ستارن جيان آهن، جيڪي ڏينهن جي چٽيءَ اُس ۾ نظرن کان اوجهل ته ٿي سگهن ٿا پر اونداهه جي هر رات کي اهو احساس ڏيارڻ جي سگهه رکن ٿا ته اُهي چمڪي رهيا آهن ۽ سڄيءَ ڪائنات جي "اونداهه" گڏجي به ڪين وسائي نه ٿي سگهي. آڪاش جي شاعريءَ ۾ محبت جو تصور به ڏاڍو منفرد آهي هن وٽ سنڌ جي تصور جا عجيب ۽ مختلف رنگ آهن، ڪٿي وڇوڙي کان وڌيڪ "وصل" ۾ ويساهه رکندڙ شاعر نظر اچي ٿو، جڏهن هو چوي ٿو:

هاڻي ته آڪاش جي اوٽ ۾،
آسماني ڏيئا پڻ اُجهامي ويا.
سمهي پيا ستارا، ٿي جهيٽا جهڪا،
ڪڏهانڪر ڪتين ڪر موڙي ڇڏيا،
مگر انتظارن سندا قافلا،
ٿيا ڪين ٿڪجي ڪڏهن چُور چُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

*

ساگر جي هُن پار، ٻيڙيءَ ۾ ملاح،
سامونديءَ جا سڀ بيت ڳائي ڇڏيا،
۽ ڪناري جي واريءَ جي لهرن اندر،
هوائن به سرگرم لڪائي ڇڏيا،
ولهه ورڇي ڇڏيو، پنهنجي سارو سُرور،
مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

محبوب کي ياد ڪرڻ يا وسارڻ جي ڳالهه ڪرڻ ٻنهي ۾ حُجت جو پهلو هجي ٿو پر ٻنهي حُجتن جو رنگ آڪاش وٽ ڏاڍو نرالو آهي، جيئن هن چيو آهي:

جڏهن ﺑہ، توکي وسارڻ چاهيم،
تنهنجي هر ياد،
سُکل ٻير جي ڏاريءَ وانگر،
ذهن ۽ روح جي ريشم سان وچڙي پيئي آ،
منهنجي دل مون سان وڙهي پيئي آ.

آڪاش جي شاعريءَ ۾ محبت ۽ مزاحمت جا سڀ رستا انقلاب ڏانهن وڃن ٿا محبت ۽ مزاحمت جيان هن وٽ انقلاب جو تصور ﺑہ محدود ۽ روايتي نہ آهي. انقلاب، آڪاش جي شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو رومانس آهي. اُهو انقلاب جيڪو سدائين انسان جي عظيم آدرش ۽ خواب رهيو آهي، اُهو انقلاب جنهن کي آڪاش پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڏهن علامتي طور پنهنجو "محبوب" ٿو سمجهي ﺗہ ڪڏهن ان کي "آئيندي" ۽ "سپني" جو نالو ٿو ڏئي، اُهو انقلاب جنهن سان هن جي محبت ۽ حجتن جو سُهنڊ آهي، هو چوي ٿو:

ٻڌاءِ!
تون اچا ڪڏهن ايندين!؟
هزار وار،
ٻاٽ جون چُنريون،
رات جي ڇاتيءَ تان سِرڪيون آهن،
اسان جون راهہ مسافر ۽ بيقرار دليون،
پوهہ جي رات کي پرهہ سمجهي،
ڪُوڙي آٽت متي ڇرڪيون آهن،
ٻڌاءِ تون اچا ڪڏهن ايندين؟
*

يا جيئن هو هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو:

اي اسان جا اڻ ڏٺل!
صدين کان رُلل،

خواب جهڙا آئيندا!
تنهنجو ڏنڏلو ڪو تصور رڳو محسوس ڪري،
متان تون سمجهين،
توکي ماٽڻ لئه،
اسان منتقل ۾ ڪري مات رهيا هونداسين،
نه تنهنجي لاءِ ڪا ويڙهاند وڙهيا هونداسين،
۽ تنهنجي چاهه جي خواهش ۾ توکي ڳولڻ لئه،
پنهنجي ٿُوهر ڀريل راهن تان ٿڙيا هونداسين،
متان تون سمجهين، توکي پائڻ لئه،
اسان جو روح رتوڇاڻ ڪين ٿيو هوندو،
۽ تنهنجي مُکَ کي منور ڪرڻ جي آس ڪٺي،
اسان جو چاهه ڀي چانداڻ ڪين ٿيو هوندو.

آڪاش هڪ مزاحمتي شاعر هئڻ باوجود، پليجي صاحب جي لفظن ۾ ”هڪ عام ۽ روايتي باغي شاعر کان گهڻو ۽ تمام گهڻو متيرو بيٺل ٿو لڳي.“ آڪاش جي شاعريءَ ۾ اعليٰ سطح جو تاريخي شعور موجود آهي ۽ دراصل اهو عالمي تاريخي شعور ئي آهي، جيڪو ڪيس محبت ۽ مزاحمت جي گسن کان ٿيندو انقلاب جي وسيع شاهراه ڏانهن وٺي ٿو وڃي، ڪولرج، جيڪو هڪ وڏو مغربي ادبي نقاد هو، تنهن جي چوڻ موجب، وڏي شاعر جي پرک جو هڪ معيار اهو به آهي ته ڏٺو وڃي ته ان جي شاعريءَ ۾ تاريخ جو ڪيترو گهرو ادراڪ ۽ ان جا محرڪ موجود آهن. آڪاش جي شاعريءَ ۾ نه رڳو سنڌ ۽ عالمي انساني سماج جو تاريخي شعور پنهنجيءَ سموريءَ شدت سان موجود آهي پر ان ۾ اُهي سمورا مُحرڪ به موجود آهن، جيڪي هر دور ۾ سٺي ۽ اعليٰ شاعريءَ سان گڏ سفر ڪندا رهيا آهن. آڪاش جي شاعريءَ ۾ تاريخ هڪ ڪردار به آهي، تاريخ اُتساهه جو ذريعو به آهي (پڙهو نظم: تاريخ جو هڪ نقطو) اُها چيڙائيندڙ ۽ چٺرون ڪندڙ به آهي ته اُها هڪ احساس ۽ الميو به آهي. هن جي

شاعريءَ ۾ "تاريخ" سان بغاوت جا اُهڃاڻ به آهن ته ان جي نئين دور جي تخليق جي اون به آهي ۽ اهو دراصل هن جو تاريخ جو گهرو ادارڪ ئي آهي، جيڪو "تاريخ" بابت ايترا همه گير رويا تخليق ڪرڻ جو محرڪ بڻجي ٿو.

آڪاش جي شاعريءَ ۾ جتي پنهنجي ديس جي درد جي دانهن آهي، اُتي درد جي دلبريءَ ۽ رهبريءَ جا داستان به آهن. ڪيڏن نه سادن لفظن ۾ هن سنڌ جي صدين جي درد جو اظهار ڪيو آهي. هو چوي ٿو:

پنهنجي لاءِ ته او پاڳل من،
ڪاتُوبنا پي ڪارا نڪتا،
پنهنجا پاڳا نيارا نڪتا.

يا هو ٻئي هنڌ چئي ٿو:

اڙي دل، اڙي دل!
انهن ڏي ٻه هل!
جن جي نيڻن ۾ ناهي ڪو سپون سَجيل،
جن لئه ميگها جي رُتِ ڪي منع آ ٿيل،
جن جا سپ ڀاڳ،
ڪاهوءَ جيان اُجڙيل،
جن جو هر ماڳُ
رڻ ڪڇ جي واري تتل،
ها انهن ڏي ٻه هل.
جن جي نيڻن جي مڪليءَ جي مدفون ۾
رڳو چند آسن جا لاشا ڍڪيل،
جن تي،
دردن ۽ سُورن جا ڪتبا لکيل...
دردن ۽ سُورن جا ڪتبا لکيل...

آڪاش جي شاعريءَ ۾ ڇاڪاڻ ته درد، تاريخ جي شعور ۽ ان جي تخليقي مُحرڪن سان سلهاڙيل آهي. ان ڪري اُهو روايتي طور مايوس ڪرڻ بدران اُتساهه ۽ جوت جو سبب بڻجي ٿو، تانگهه ۽ جدوجهد جو بنياد بڻجي ٿو. آڪاش جي شاعريءَ ۾ درد، سگهه جو سرچشمو ۽ سفر جو سُونهون آهي. آڪاش جي شاعريءَ ۾ درد جي موٽ، ڏاڍي موهيندڙ، اُتساهه ڏيڪاريندڙ، زندگيءَ ۾ ويساهه موٽائيندڙ ۽ نرالي آهي. هن وٽ درد جي موٽ جا ڪجهه انداز ڏسو:

اسان جي مٿاسين سفر ۾ او ساٿي!
ته ماٿيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاتي.
جڏهن منهنجا جهانگي، نه جهوريءَ ۾ جهرندا،
ٻري ۾ نه ٻڪرار جا ٻار ٻُرندا،
سُڪي سڪتي تيندي نه جيجل جي ڇاتي،
ته ماٿيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاتي.
*

هڪ سپنو
جنهن جي ساٻيان خاطر،
پنهنجي نيٽن جي صليبن تي ٽنگيل،
سوين سپنن کي گُهٽا ڏيئي اسان ساريو آ،
پاڻ تي ظلم ڪري پاڻ کي جياريو آ،

آڪاش روايتي معنائن ۾ ”عوامي شاعر“ نه آهي ۽ نه ئي هو وچين طبقي جي انهن ”انقلابي“ شاعرن وانگر آهي، جن وٽ عوام لاءِ پري کان بيٺل پاڇي جهڙي همدردي ۽ ڏيکاءُ وارو پيار هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو آڪاش، عوام ۽ پورهيت طبقي جو همدرد نه پر سندن ڏکن، ڏولاون ۽ دردن جو ڏٺي ۽ ويڄ شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ جتي عوام جي صدين کان هلندڙ اٿوند، بيوسيءَ جا جيئرا احساس آهن، مثلاً:

... ۽ گهر جي گندي،
سَنڌ سدائين،
کين ڪري ٿي پيٽ،
لڳي ٿو هيل به رهبو ليٽ.

تہ ساڳي وقت ان ڪان نجات جا چٽا ڳس ۽ پنڌ ۽ انهن پنڌن جا رند به آهن ۽ ظاهر آهي تہ اهو پنڌ آزادي، اڄپي ۽ انقلاب ڪان سواءِ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. آڪاش جي شاعريءَ ۾ اُن اوکي سفر جو سمورو سامان موجود آهي يعني درد، درد ۽ شعور جي ڪُکِ مان جنم وٺندڙ احساس، احساسن، جي سيڙپ ۽ مقصد جي چٽائي ۽ ان ڏس ۾ پنڌ ۽ مسلسل پنڌ، جنهن جي راه ۾ ڪڏهن بہ ورچي نہ ويهجي.

فني لحاظ ڪان بہ آڪاش جي شاعري، هڪ پختي شاعر ۽ ميچوئر فنڪار جو سگهارو اظهار آهي. مولوي احمد ملاح جي شهر بدين ۽ لاڙ جي پس منظر سبب هن جي ٻولي، هوئش ئي سريلي ۽ چس واري آهي. هن جي ٻوليءَ ۾ لاڙ جي لهجي جو حسن ۽ ان جي ماحول جا سڀ فطري ڪردار ۽ سماجياتي توڙي جمالياتي رويا ملن ٿا. هوئش تہ هن نظم، گيت، غزل، وائيءَ، ٽيڙوءَ، نثري نظم ۽ آزاد نظم جي سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر آڪاش فارم جي لحاظ ڪان بنيادي طور آزاد نظم جو شاعر آهي. اسان وٽ اڪثر، نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم جون سرحدون پاڻ ۾ ملي وڃن ٿيون پر آڪاش وٽ آزاد نظم پنهنجي فارم جي مڪمل پختگيءَ، ردم، روانيءَ ۽ نازڪ مزاجيءَ سان گڏ موجود آهي. آڪاش جا آزاد نظم نهايت خوبصورتيءَ سان ڳايا ويا آهن. هن جي شاعريءَ ۾ فني لحاظ ڪان جتي ترڪيبن جا نوان نوان تجربا ملن ٿا، اُتي انوکين تشبيهن ۽ منظرنگاريءَ جا رنگ ملن ٿا. هن جون ڪجھ خوبصورت تشبيهون ڏسو:

چانڊني راتين ۾ ڇوڪرن جي اکيان ها چمڪندا،
جڻ تہ سيوهاڻيءَ جي ميلي ۾ پيل تازا ڦلا.

خواب سڀ سارا ٽُٽا،
وقت جي ڪا وچ ڪري،
تاريخ جا تارا ٽُٽا،
۽ آسمان ڏرٽيون ڪيون،
ڪنهن نانگ ڪاڏل ميڇريل گهوڙيءَ جيان
ڌرتيءَ ڌرٽيون هيون...

*

زندگيءَ جي ذليل گهڙين ۾،
ضياءَ جي موت جي خبر آهين،
منهنجي هوندي بہ تون منهنجو ناهين،
تون بہ ڄڻ سنڌ جو شهر آهين.

*

وقت آ جهنگلي ميڇريل گهوڙو،

*

اوهان جي اکين ۾ ڪي ارغون هئا،

*

اسان جي هئي دل، سنڌ ڌرتيءَ جيان.

*

پنهنجي هر آتما ڪنگال ڪري،
ڪڏي ڏيوالو پنهنجي لُڙڪن جو،
پاڻ کي حال مان بي حال ڪري،
انهيءَ سپني کي،
انهيءَ خواب کي ماڻڻ خاطر،
آيا ڳي نينگريءَ جي،
ڪنهن لڪل گناه جيان،
پنهنجي ويري شعور جي ڪُکِ ۾،
نياپو، تاتيو، پاليو آ،

رڳو هڪ سپني جي ساپيان خاطر،
ڪيڏو ڏُکڙو اسان جاليو آهي.

*

سرءُ جي رات جي ڪنهن آخري تاري وانگر
قتل "پراڻ" جي دريا جي ڪناري وانگر
اَڻ سمجهه ٻار اپاهج جي اشاري وانگر
منهنجو آڪاش هو اٽپورو، اڌورو، اُجڙيل،
رُجن جي ماريل رولاڪ مسافر وانگر.
وچوڙي رات جي ويلي جيان وياڪل وياڪل.

*

ڪنهن روپ ڪئي روح ۾ ريشم رفوگري،
نہ تہ شام ويل مڪليءَ جو منظر هجان ها مان.

سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جيان آڪاش جي شاعريءَ جا بہ بہ مختلف دور آهن. هڪ اهو دور آهي جنهن جو ذڪر آڪاش جي شاعريءَ جي پس منظر ۾، مٿي ڪيو ويو آهي. اُهو آڪاش جيڪو سراپا باهہ آهي، هنيلو ۽ بي پرواهہ آهي، جيڪو پوئتي موٽڻ تہ نهيو پر ان جي گمان تي بہ ويچارڻ لاءِ تيار نہ آهي، جيڪو تاريخ ۽ انقلاب سان سڏيءَ ريت همڪلام ٿيڻ جي همت ڪري ٿو ۽ انهن ڪان اُتساهہ وٺڻ بدران ڪين اُتساهي ٿو- پر آڪاش جي ٻي دور جي شاعريءَ جو رنگ ۽ مزاج ٻيو آهي، اُها شاعري بہ ڪجهہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي. هن دور جي آڪاش جي شاعريءَ ۾، وقت جي چيچ مان زندگيءَ جي چلي گهرگهلي ٿيڻ جو خوف ملي ٿو. سندس هن دور جي شاعريءَ ۾ وچوڙن ۽ ولولي نہ رهڻ جا اعتراف آهن. "راٽي" جي رُسڻ جون ڳالهيون آهن، هن جي نون گيتن ۾ هوائون، خوشبو ۽ بادل ماٺا نہ ٿا ڪن، ٻيو تہ نهيو آڪاش جي دل بہ ماٺا نہ ٿي ڪري. هي اُهو دور آهي، جنهن جي عڪاسي، آڪاش پاڻ هنن لفظن ۾ ٿو ڪري:

خبر نہ آهي؟
ڪهڙي ساميءَ جي سازش آ،
پاڻ پنڌ پهڻ تي پيا آهيون،
پنهنجي لُنجڻ سندو احساس ٻي لُنجي ويو آ،
اسان ٻين کان ڀڏو ٿا تہ،
لُٽيا ويا آهيون.
ڪوبہ نعرو، نڪو ماتم، نڪو ملال آ،
اکين جي تہ مٿان اهڙو ڏڪار ڇانيل آ،
جو ڪوئي لُڙڪ لُڙي سان تہ وڏي ڳالھ آهي!

رڳو سُڏڪو بہ سٺڻ لاءِ سڪي ويا آهيون. ۽ اهو فرق رڳو آڪاش جي شاعريءَ ۾ ناهي پر دراصل اهو هن دور جو الميو آهي. جنهن جا عڪس اسان کي هن شاعريءَ ۾ ملن ٿا. پنهنجي نظم: ”اڌورا-اڌورا“ ۾ آڪاش علامتي انداز ۾ ان جو نهايت خوبصورت اظهار بہ ڪيو آهي، نظم جون ڪجھ سٽون آهن:

نہ تارڪ ٿي دنيا هي تياڳي سگهياسين،
جهان جو بہ جهنجهٽ نہ جهاڳي سگهياسين،
عمر اڌ، اڻ ڪٽ عبادت ۾ ويئي،
۽ باقي بُتن کان بغاوت ۾ ويئي،
خدا ٻي نہ مليو نہ ان جي خدائي،
او آڪاش! جندڙي ايئن وئي اجائي،
۽ ڳولا جي رڻ ۾ رُلياسين اڌورا.
اسان بس رهياسين اڌورا اڌورا.

بهرحال سنڌ جي تاريخ ۽ اُن پس منظر ۾، آڪاش جي شاعري هڪ عجيب دور مان گذري رهيون آهن. ڪالم آڪاش ”اڻ ڏٺل ۽ رڳو محسوس ڪيل آئيندي“ سان مخاطب ٿيندو هو ۽ ان کان سوال ڪندو هو. ”ڀڏاءِ تون ڀلا ڪڏهن ايندين؟“ هو پنهنجي ”منزل“ ۽

"محبوب" کي نہ وساري سگھڻ جا اعتراف ڪندو هو. پوڻن کي مخاطب ٿي ڪين هن ڏکي ديس ۾ نہ اچڻ جون وينتيون ڪندو هو، جلاوطن رهڻ کان سدو انڪار ڪندو هو، مٽيءَ جي خوشبوءِ جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ پنهنجيءَ دل جي سرڪش گهوڙي جون واڳون ديس جي درد جي وارياسي ڏي موڙڻ جا وچن ڪندو هو، "هڪ سپني جي ساڀيان خاطر" سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ جا درس ڏيندو هو، "سورج جون ڏندڪٿائون" ۽ تاريخ جا نقطا بيان ڪندو هو ۽ پنهنجي پريڻ کي قيدخانن جي ڪشش ۽ دار جي درد جي لذت جا داستان ٻڌائيندو هو- اڃ اُهو آڪاش اعتراف ٿو ڪري تہ:

تو سان چاهت ۽ چريڻ بہ گهٽبا وڃن،
دل جا آرا ۽ اريڻ بہ گهٽبا وڃن،
۽ وڇوڙن ۾ ناهي رهيو وَلولو.
يارَ جلدي مِلو.

يا اهو اڃان بہ وڌيڪ تلخ اظهار ڪري ٿو:

سُورَ جي سرحد،
ڏٺي آ ڪنهن ٻلا!
هيءَ دنيا،
دائرو آ درد جو،
جنهن ۾ ماڻهو،
موت جي کوهَ جي،
مداريءَ جيئن مسلسل،
پيو ڦري:
هر ڪنهن ڇهري تي
لکيل آهي فسانو فرد جو
هيءَ دنيا،
پنهنجي ڪم جي ڪين آ:

هي بسيرو آهي بس
بي حس، بي درد جو،
سو زندگي!
توسان گذاريوسين ائين،
جيئن نڪاح
زوري ڪجي نامرد جو.

هڪ فنڪار جي زندگيءَ ۾ مختلف ۽ عجيب و غريب دور ايندا آهن ۽ اهو سڀ فطري آهي. وقت جو واهڙ ڪنهن به وهڻ ڪان بس نہ ڪندو. ڪڏهن تيزيءَ سان ۽ ڪڏهن آهستي، دنيا ڪاله بہ بدلي هئي، اڄ بہ بدلجي پئي ۽ سڀاڻي بہ بدلبي ۽ اوس بدلبي، جن خوابن صدين تائين سفر ڪيو آهي، اُهي ڪڏهن بہ بي معنيٰ ٿي نہ ٿا سگهن، رڳو ان کي بدلائڻ وارو درد سلامت هجي ۽ مان پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ آڪاش جي شاعريءَ ۾ اُهو درد اڄ بہ سلامت آهي.

جامي چانڊيو

حيدرآباد۔ سنڌ
تاريخ: 16۔ فيبروري 2000ع

جلاوطن

پنڪي پنهنجو ڏگ وڃي، جيئن ڪو پکيئڙو منجهہ گگن،
نہ جنهن جو ڪوئي آ هيرو، نہ آشيانو ۽ چمن،
مان بہ پنهنجي ديس ۾، آهيان اڪيلو اوپرو
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

روز ٿو زهر پيان، مران جيان، جيان مران،
ڄڻ ڪلاچي ڪُن ۾، ٻڏان تران ٻڏان تران،
يا ديول جي ديپ جيئن، اجُهان ٻران اجهان ٻران،
ڄڻ صليب تي ٽنگيل، ڪو سرد مان هجان بدن.
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

نہ منهنجو ڄڻ هي ماڳ آ، نہ منهنجو ڄڻ مڪان آ،
نہ منهنجي ڄڻ هي نگري آ، نہ منهنجو آستان آ،
نہ منهنجي ڄڻ هي ڌرتي آ، نہ منهنجو آسمان آ،
ڄڻ هجان تاريخ جي، مان لاش جو ميرو ڪفن.
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

جا مُرڪ مونڪان وئي ڪسي، تنهن مُرڪ جو آهي قسم،
مان رت رُنس جو ظالمو! تنهن لُڙڪ جو آهي قسم،
جيجل جي منڙي ٽڄ جي هر سُرڪ جو آهي قسم،
پلئہ ڪندس، پلئہ ڪندس، اي وقت! توسان آ وچن.
مان ڪيئن رهان جلاوطن، مان ڪيئن رهان جلاوطن.

پنهنجي آئيندي جي نالي

اي اسان جا اڻ ڏٺل!
صدين کان رٽل،
خواب جهڙا آئيندا!
تنهنجو ڏنڊلو ڪو تصور رڳو محسوس ڪري،
متان تون سمجهين،
توکي ماڻڻ لئه،
اسان مقتل ۾ ڪري مات رهيا هونداسين،
نه تنهنجي لاءِ ڪا ويڙهاند وڙهيا هونداسين،
۽ تنهنجي چاهه جي خواهش ۾ توکي
ڳولڻ لئه،
پنهنجي ٿوهر ڀريل راهن تان ٿڙيا هونداسين.

متان تون سمجهين، توکي پائڻ لئه،
اسان جو روح رتوڇاڻ ڪين ٿيو هوندو،
۽ تنهنجي مک کي منور ڪرڻ جي آس ڪٿي،
اسان جو چاهه ڀي چانداڻ ڪين ٿيو هوندو.

متان تون سمجهين، توکي ڳائڻ لئه،
اسان، نه ڪيڏاري مان بيت ڪوئي جهونگاريو،
اسان سچل جي هر هڪ گيت ۾ توکي ساريو،

اسان! نقاري جي هر چوٽ تي ديپڪ ڳائي،
قسم آ تنهنجو، اسان پنهنجو پاڻ کي هاريو.

اي اسان جا اڻ ڏٺل!
۽ رڳو محسوس ڪيل،
گل جهڙا معصوم پاڪ مستقبل!
جيئن پوکرئين پيار کي،
ڪا نينگري محسوس ڪري،
اسان، ائين تنهنجي خوشبو ذري محسوس ڪري،
تولئه،
اونداهه سان، هر جُڳ ۾ آهي جنگ ڪئي،
اهڙي اونداهه،
اهڙي اونداهه!!
جنهن ۾ راڄ خوني چمڙن جو.
جتي، اسان جي بدن کي،
پٽيو آ ماڪوڙين،
۽ جتي،
موت کي بہ، موت جي تي باس اچي،
اهڙي خاموشي،
اهڙي خاموشي!
جتي ماڻ جو آواز اچي.
۽ انهيءَ ماڻ ۾،
چپرن سندا ڦڙڪاٽ ڏسي،
تيز رولاڪ هوا جا سوين زوزاٽ ڏسي،
اسان نہ، تنهنجي ڏيئي کي اجان اجهايو آ،
اسان تہ تنهنجي لئہ،
هر موڙ تي واجهايو آ.

اي اسان جا اڻ ڏٺل!
سپنن ۾ سجيل،
مور جهڙا مستقبل!
جڏهن اچين تون هتي،
پاڻ ئي پرڙا سوري،
ڪي مسافر، تون پنهنجي راه ۾
مٿل جي ڏسين!
نيري آڪاش جي هيٺان سريون وڊيل
جي ڏسين
اسان جي پيار جي بي گور و ڪفن لاشن جون.
اکيون صدين کان،
پنهنجي ديد لئه ڪليل جي ڏسين!
ته پڪ ڄاڻجان
ته پڪ ڄاڻجان،
ڪي تو لئه مٺا واجهائي،
تنهنجي آمد جي، انهي جشن جي خاطر آيا،
پنهنجي اکڙين سندي مکڙين منجهان
مالها تاهي،
۽ رڳو، تنهنجي تمنا ڪئي ويا مُرجهائي.
۽ رڳو، تنهنجي تمنا ڪئي ويا مُرجهائي.

اسان جي مئاسين

اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي!
تہ ماٺيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاٿي.

اسان جو جڏهين خون خوشبو ٿي ايندو،
تہ ويڙها وطن جا بہ واسي ڇڏيندو،
جڏهين ٻارڙي ڪنهن، ڪئي ٻولي ٻاتي،
تہ ماٺيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاٿي.

اسانجون هي ٻانهون، اسان جون نگاهون،
ازل کان لوڇين ٿيون اهڙيون رهون،
انهيءَ ڪرت ۾ جي ڪُسي وياسين ڪاتي،
تہ ماٺيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاٿي.

جڏهن منهنجا جهانگي، نہ جهوريءَ ۾ جُهرندا،
ٻري ۾ نہ ٻڪرار جا ٻار ٻرندا،
سُڪي سڪٽي ٿيندي نہ جيجل جي ڇاتي،
تہ ماٺيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاٿي.

جڏهين وڏ ڦڙو ڪو ولهارن تي وسندو،
مٿان پارڪر جي پنوهارن تي وسندو،
نہ رهندي ڪا مارئي، مارن لاءِ آتي،
تہ ماٺيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاٿي.

جڏهين بہ توکي وسارڻ چاهيم

جڏهين بہ،
توکي وسارڻ چاهيم
تنهنجي هر ياد،
سُڪل ٻير جي تاريءَ وانگر،
ذهن ۽ روح جي ريشم سان وچڙي پيئي آ،
منهنجي دل،
مون سان وڙهي پيئي آ.

جڏهين بہ،
توکي وسارڻ چاهيم،
تنهنجي هر ياد،
ڪنهن ڏاج جي جوڙي ۾ رچيل،
سدا ملوڪ، شوخ، شرميلي،
خمار گاڏهين خوشبوءِ وانگر
چوطرف من ۾ ترڙي پيئي آ،
منهنجي دل،
مونسان وڙهي پيئي آ.

جڏهين بہ
توکي وسارڻ چاهيم،
تنهنجي هر ياد،
ڪينسر جي وارڊ ۾

لادوا مريض جيان،
دلاسڻ جي دوائن تي ڏتاريل دلڙي،
پنهنجي ويڄن سان وڙهي پيئي آ،
منهنجي دل،
مونسان وڙهي پيئي آ.
جڏهين ٻه توکي وسارڻ چاهيم.

ٽيڙو

جوبن ۽ جهان،
ڪراچي صدر ۾
چوڙين جو دڪان.

جيون پانيان ٿو

جيون پانيان ٿو او جيڏا!
جدن جي ڪا آهي جنگ،
جهن ۾ ڪيئي ڪسندا رهندا.

ڪاڪ جي هاڪ وري پئي ٻڌجي،
·ايندا شايد ڪي اڙٻنگ،
ڪيئي راٺا رُسندا رهندا.

سوري تن لئي سيج سجائي،
جن جو سوريءَ سان ٿيو سنگ،
گولين ڪان ڪي گُسندا رهندا.

ذات پنيان ڪا ڏات نہ ٿيندي،
جن کي ڏات پئي هٿندي ڏنگ،
سي ئي ڏونگر ڏسندا رهندا.

تن جون اکيون اوجهر آليون،
جن وٽ نيهن جو آهي ننگ،
سي ئي پرين کي پسندا رهندا.

سورهيہ جي ڪن سپنن جهڙو،
آگم ڌاري پنهنجو انگ،
ولهارن تي وسندا رهندا.

گهر جي گُندي

هُو جهونو هاري
جاڻ پڇائي،
جوڙو روڪي،
واتر مان پاڻيءَ ڍڪ ڏوڪي،
ادّ اجهاڻل
ٻيهر ٻاري، سستو ڪو سگريٽ،
چپن ۾ پٽڪي ٿو،
"ڪين چڱو ٿيو چيٽ"
"لڳي ٿو! هيل ٻه رهبو ليٽ"

مٿان هر سال،
نوَن مهينن تائين،
"ياڳل ڪائي ٿي ميٽ .. .. ..!
لڳي ٿو هيل ٻه رهبو ليٽ.

ءُ گهر جي گُندي،
سندي سدائين،
ڪين ڪري ٿي پيٽ
لڳي ٿو هيل ٻه رهبو ليٽ.

اڄ ماڻهو! ماڻهو! مورت آ

اڄ ماڻهو ماڻهو،
مورت آ جڻ پٿر جي،
انساني احساس الائي ڪاڏي ويا.

ها! ڪالهه اڄان،
چوڌرن جي مٿان،
تي چانديءَ جهڙا چنڊ ڪڙيا،
ڳالهه ڳالهه تي ڳوٺاڻن جا،
ڪيڏا چنچل ٽهڪ ٽڙيا،
هر هردي ۾ هٻڪار هئي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي من ۾،
جڻ مُگري جي مهڪار هئي،
اڄ وستيءَ وستيءَ ويراني آ،
واس الائي ڪاڏي ويا
انساني احساس الائي ڪاڏي ويا.

ڪلهه ڇا ته ڇپر ۾ ڇيڄ هئي،
ڇا تاري تاري تيج هئي،

آڪاش ۾ هو ،جهومر جهومر
جڻ ڪنهن سوڏيءَ جي سيج هئي،
ڇا حُب هئي ڇا هيج هئي،
اڄ اهڙائي آڪاس الائي ڪاڏي ويا،
انساني احساس الائي ڪاڏي ويا.

دوهو

هند ۾ سندر، سنڌ ۾ سندر، سندر آ سارو سنسار،
ڪهڙي ماءُ ڄڻيو اڄ تائين پنهنجي ڪُک مان ڪوجهو يار.

اوچتو ئي اوچتو

پاڻ سنڌو ماترَيءَ جا محبتي ماڻهو ميان!
ڪوڙ، ڪيني ۽ ڪدورت مان نڪي ڄاڻون ميان،
ڪالهه پنهنجو ماڳ هو ڪيڏو ملوڪ،
مرڪندڙ ماروئڙ جا مڪڙا،
جرَڪندڙ جهانگين جا جهوڪ،
ڏُوئي، دوڪي ۽ دغا ڪان دل سدا خالي هئي،
پنهنجي نگريءَ نفرتن جي ناڻءَ نيڪالي هئي.

هُو ڊول مارو ڊِٺ جا، ڇا تن جو آڪاٽيون هيون،
ڄڻ ڪتوريءَ ساڻ واسيل ڪير جون ڪاٽيون هيون،
ڇيڪي مٽيءَ ساڻ راڳيل،
اهي اڳڻ، اوتا، تلها،
چانڊني راتين ۾ چنوٽن جي اڳيان ها چمڪندا،
ڄڻ ته سيوهاڻي جي ميلي ۾ پيل تازا ڦُلا.

۽ رات جو صوفين جي اوتارن مٿي،
جانجهه ۽ يڪتار جي تارن مٿي،
ڪنهن سنت جا اشلوڪ ڳائبا هيا،
روح جا سپ تڪ لاهبا هيا.

چئو ڏسا چوڙيلين جا ڇهڇٽا،
۽ ٿهڪڙن جا وڏ ڦڙا جڻ ٽي وڻا،
۽ ترڙ مٿي ٻانهيارين جا ٻيلهڙا،
تن جي پويان ڇانگون ڇانگون ڇيلڙا،
هو پوريون پٽ تي پٽاريون ٽي چَريون،
ڪيڏانهن ويا گولون،
گرڙ ۽ گگريون.

رات جي پوئين پهر، ڳوٺ جون ڳهريل ڳليون،
ڪيڏيون مٺڙ، منڙيون لڳيون ٽي، مال جون متريون، ٽليون،
ٻاجهرين جي ڪيٽ ۾ پنهنجو هر ڪنهن ڪي پيهو،
جهار هڪلڻ جي ٻهاني ڪو اشارو ۽ ليئو.

هُو بيل گاڏين جون قطارون ڇڄ جو شرميلو شور،
تيز وهڙن جا چڙا ۽ جهيڻي ڳيچن جي جهڪور،
ايءِ! منهنجو لاڏل، منهنجو ٻنرو، منهنجو راڻل، منهنجو مور،
سهرو ساڳيو سڀ ڪا ڳائي، پنهنجي پنهنجي دل جو چور.

پوءِ اوچتو ئي اوچتو!
رات هڪڙي خواب ۾ ڇاتا ڏسون!
پنهنجي سيني ۾ لڳو، ڪيئي فوٽن جو آ ڪندو،
۽ ان مٿي ڦڙڪي پيو ڪو "شوم" شيطاني جهندو،
ها اوچتو ئي اوچتو،
خواب سڀ سارا ٽُٽا،
وقت جي ڪا وڄ ڪِري
تاريخ جا تارا ٽٽا،
۽ آسمان ڏرٽيون ڪيون،
ڪنهن نانگ ڪاڏل مڇريل گهوڙيءَ جيان

ڏر ٽتيءَ ڏرٽيون هنيون،
هر طرف ڪان هُل هُلاچو هو ڳيا هوڪار تي
ٻاڪرڪتو ٻاڪار تي،
ٻاررڙا مائن جي سينن سان لڳي سهمي پيا،
منهنجي ويڙهيچن جي واديءَ جي مٿان يلغار تي،
اولهہ، اتر، اوڀر، ڏکڻ ڪان قافلا ڪاهي پيا،
پٿرن جي دؤر جا وحشي ڪتا،
ياجوج ۽ ماجوج جي اولاد جا ڪي سلسلا،
ٻچڙا، ڪنا ۽ وات ڳاڙها بي حيا،
هر طرف اسلام زنده باد جا نعرا هڻي،
منٽن اندر منهنجا سيئي شهر،
واهڻ، وستيون ۽ ڳوٺ ڳڙڪائي ويا،
جيڪو پڇي ڇا هي ابا!؟
تنهن تي لتون، ٺونشا ڇنبا،
ڇٺي،
چل! بي! جاهل ڪي نسل،
بڪتا هي ڪيا؟

۽ منهنجا مارو،
ڄڻ تہ ميلي ۾ وڃايل ٻار جيئن،
وائڙا ٿي وائڙا ڏسندا رهيا.

سچ پڇين او سنڌ ماءُ!
هر گهڙي ڦٽڪون سڙون پيا
بيوسيءَ جي باهہ ۾،
ان ڏينهن ۽ لمحي مٿي لعنت جڏهين
وقت آٿي اڇليو اڙاهہ ۾،
ڪيڏي ڪئي وئي رهزني

پاڻ سان هن راهه ۾،
اڄ به ماتم ٿا ڪريون ان مهل تي،
جنهن وقت پنهنجا سڀ ٻنيون ٻارا ويا،
منهنجي هوشوءَ جي قبر ڪاڏي وئي!؟
موررَي جا ماڳ موچارا ويا،
ٻيو ٿهيو ڀر!
سنڌ جي آڪاش جا تارا به ويا.

ٽيڙو

هاءِ ڍاڳڻ ذات!
گھرين پيئي گھاءُ ڪان!؟
ڪلڻ جي خيرات!؟

جڏهن ڪنهن ٻه بادل

جڏهن ڪنهن ٻه بادل، ولهاريون وسايون،
الهه چو اوهان جون اکيون ياد آيون.
جڏهن چنڊ چوڏس ڪيون چلولايون،
الهه چو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهن ڪنهن ٻه ڪوئل اسر ويل ڳايو،
تڏهين وِلهه ويتر وڇوڙو وڌايو،
جڏهين ماڪ مُڪڙيون ٻنيءَ جو ٻجايون،
الهه چو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهين ڪيٽ ۾ ٻاجهرين سنگ واريا،
جڏهين چيٽ ۾ ڦول ڄانبي ڦُلاريا،
جڏهين تر تي مورن ڪي ٻوليون ٻُرايون،
الهه چو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهين تو سان نيڻن جو ناتو ڇِنو هو،
تڏهين ڏور آڪاش ڪيڏو رُنو هو،
جڏهين جيءُ جهورڻ هي آيون جدايون،
الهه چو اوهان جون اکيون ياد آيون.

توں تہ بيدرد بي قدر آهين

تون تہ بيدرد، بيقدر آهين!
جيءَ ۾ پوءِ بہ جلوه گر آهين.

زندگيءَ جي ذليل گهڙين ۾،
ضياءَ جي موت جي خبر آهين.

منهنجي هوندي بہ تون منهنجو ناهين،
تون بہ جڻ سنڌ جو شهر آهين.

پڇين ٿو حال! "ڪيئن پئي گذري"؟
ڪيڏو سادو ۽ بي خبر آهين.

ٿوهر جي ٿيج

ٻڌايو! فتوا فروشن جي پيشوائن کي،
منافقن جي گروهن جي سربراهن کي،
خاڪي وردي ۽ جي خود ساخته خدائن کي

وقت قيامت جو ڪين قائل آ،
قيامتن کان هي انصاف ڪين ٿي سگهندا،
اسان سان هاڻ خديشن جي ڪا حجت نه ڪريو،
شريعتن سان هنيان صاف ڪين ٿي سگهندا.

هاڻ پتڪن جي ورن جو اهو وچن آهي،
سسئي جي سيج لٽڻ جو نه سور سهسايو،
پر پنيورن جا قتل معاف ڪين ٿي سگهندا،
اسين ٿوهر جي ٿيج پي نه سگهون ٿا ليڪن،
تر جي مورن جا قتل معاف ڪين ٿي سگهندا،
چامر شورن جا قتل معاف ڪين ٿي سگهندا.

(ٿوڙهي ڦاٽڪ واري واقعي کان متاثر ٿي لکيل.)

آڪاڻي

ننڊپڻ ۾ هڪ رات پاڙي جي ناني،
سين ٻارڙن کي سڻائي ڪهاڻي،
جڳا در ڪنهن جوڳيءَ جو قصو هيو،
رڻن جي ڪنهن روڳي جو قصو هيو،
والاڪنن ۾ ۽ گيڙو جو گاؤن،
بگري ۾ جنهن جي ٻيٽون ۽ بلائون،
ڳچيءَ ۾ هو پائيندو نانگن جي مالها،
اکيون ٽامٽيون جڻ ته ٻرندڙ مشالا،
ڪفني ڪلهن ۾ ڪَراين ڪڙولا،
ڪاپڙيءَ کي خبر ناهي ڪنهن هئي ڳولا،
بدن تي ٻيوتي کي زنجير زيريون،
هڻ ڪڻ هزارين هن پاڻ هيريون.

ڇهه مهينا سڄا سارا سمهندو هيو.
۽ ڇهه مهينا گرنار گهمندو هيو.
سنگچور جو زهر پيئندو هيو.
زهر پي ٻه جوڳي هو جيئندو هيو.

جيتوڻيڪ هاڻي اچي ويئي جواني،
ڪڏهانڪر مري ويئي پاڙي جي ناني،
مگر ساڳي هلندي اچي تي ڪهاڻي.

تون سوچين ٿو ايءَ ڳالهه آهي اجائي!
مگر ڳالهه ۾ ڏاڍي آهي سچائي،
اسان ۾ ڀي اهي ساڳيا جوڳي ته ناهيون؟
پنهنجي روحن جي رڻ پٽ جا روڳي ته ناهيون؟
اسان جي ٻه ٻگرين بلاؤن نه آهن؟
اسان تي چا هڻ ڪڻ هلاؤن نه آهن؟
اسان جي ٻڪچيءَ ۾ ٻه واسينگ ويڙهيل،
۽ ڪوراڙ، ڪپرن ۾ گرنار گهيريل،
ڪراين ڏي ڏس! ساڳيا ناهن ڪڙولا،
رٽن جون رجون ساڳيون راتيون ۽ رولا!؟
نڪو ڀاڳ ويراڳ ۽ ماڳ جو،
فرق آ رڳو جوڳ ۽ جاڳ جو،
هو جوڳي ته سمهندو هو اڌ سال ڪُل،
مگر پاڻ آهيون صدين کان سُتل،
مگر پاڻ آهيون صدين کان سُتل.

وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو

وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو،
جنهن جي هڻڪار سان،
ڌرتي سندو سينو ڌڙڪي.

جنهن جي تيزيءَ کي،
هوائون ڪڏهين ڇُهي نہ سگهن،
جنهن جي بُستي اڳيان
طوفان جي هستي ڏڙڪي،
جنهن جي دهشت اڳيان
وحشت جو پڻ گردن لڙڪي.
جنهن جي ناسن مان ڇڻ
ڪا باهِ ازل جي ڀڙڪي،
جنهن جي رفتار ڇڻ
سيلاب ۾ سنڌو ڪڙڪي.

ها مگر، پوءِ بہ عقل جا ويري،
فهم، فڪر و نظر جا دشمن،
آيا آهن اڄ وري سائين!
پنهنجي ڪوڙي انا بچائڻ لئہ،
رات جي رُت تي هسواري ڪري،

SOORIH SINDHI ADAB

ڏينهن جي شينهن کي ڪُهائڻ لئہ،
پنهنجي خوشفهمين جا ڪارا ڪٽي،
وقت جي سج کي لڪائڻ لئہ.

دوستو! ڪوئي پڌائي تن کي،
وقت آ جهنگلي مچريل گهوڙو
جنهن کي واڳڻ بہ ڪو چاهي تہ نہ واڳي سگهندو،
وقت آ وهڪرو
تاريخ جي سمونڊن جو،
جنهن کي جهاڳڻ بہ ڪو چاهي تہ نہ جهاڳي سگهندو.
وقت آ جهنگلي مچريل گهوڙو.

1980

SOORIH SINDHI ADAB

وُني جي ولهه راتڙي

وُني جي ولهه راتڙي،
ٽڏو سارو ٽر،
ڪجليا! تو بن ڪيئن ڪريان؟

مَريڙن منهن ڪڍيا،
ليٽي پيا ڳُلر،
ڪجليا! تو بن ڪيئن ڪريان؟

هر ڪنهن پڙو پٽَ جو،
هر ڪنهن واڙ ولر،
ڪجليا! تو بن ڪيئن ڪريان؟

ڪوڙهيو ڪارونجهر لڳي،
پوڙهو پدماسر *
ڪجليا! تو بن ڪيئن ڪريان؟

سون دورانهين ڏيهه ۾،
ڪُٽين روڊ پٿر،
ڪجليا! تو بن ڪيئن ڪريان؟

---

* پدماسر= "ڪارونجهر جو هڪ آبشار"

مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مُور
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور
"اياز"

هاڻي ته آڪاش جي اوٽ ۾،
آسماني ڏيئا پڻ اجهامي ويا.
سمهي پيا ستارا، تي جهيڻا جَهڪا،
ڪڏهانڪر ڪتين ڪر موڙي ڇڏيا،
مگر انتظارن سندا قافلا،
تيا ڪين تڪجي ڪڏهين چُور چُور،
تون ايندين تون ايندين، تون ايندين ضرور.

ساگر جي هن پار ٻيڙيءَ ۾ ملاح،
سامونڊيءَ جا سڀ بيت ڳائي ڇڏيا،
۽ ڪناري جي واريءَ جي لهرن اندر،
هوائن به سرگم لڪائي ڇڏيا،
ولهه ورچي ڇڏيو پنهنجو سارو سُرور،
مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

ڪو پنڇي اڪيلو اڪيلو اُداس،
ڪينجهر، ڪنڌي تي لهي پيو ٿڪي،
نڪو چنڊ چمڪو نه چُهڪي چڪور،
انهن لاءِ پڻ رات گذري چُڪي،
۽ ڪنولن مٿان ننڊ نائي وئي نور،
مگر دل هي پاڳل مچي ڪين مور.
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

ڪوتن ڪي ٻُڌائي ڇڏي ماجرا!

هن ديس جي پوپٽن جي اڳيان،
ڪنڌ ڪهڙو ڪٽون!؟
هام ڪهڙي هڻون!؟

هنن ڪي ڏسڻي جيءُ جهڄندو رهيو،
ڪيڏا پياسا ٿيا پتڪن اهي پتڪڙا،
گلن جي متاسن ڪان محرو مڙا،
اٻالا رهيا تر جي ٻارن جيان،
تن معشومڙن ڪي ڏيون پي ته ڇا؟

لڪ هاٿيون ليون!؟
ٿوهرن جا ڪنڊا!؟
ڪيئن آڇيون انهن ڪي
آرهڙ جا ساڙيل
اگهاڙا، اگهاڙا هي ڪانڊيرڙا!؟
ڪوتن ڪي ٻڌائي ڇڏي ماجرا.

اسان وٽ نہ ايندا ڪريو پتڪڙا!
اسان وٽ تہ ساڻوڻ ٻہ صدين ڪنان،
ريگو سور جا ٿو ڦلاري سَلا،

ڪوبہ مُگرو نہ آ،
ڪوبہ موتيو نہ آ،
چنبيلي ڪڏهين
واس اوتيو نہ آ،
هيءَ وستي تہ ورهن کان ويران آ.
مدتن کان هتي منڊ ماتم آ.
پتڪڙا پوپٽڙ؟
ڪين دل ۾ ڪجو!
اسان جا سيئي باغ پيلاڙ ٿيا،
ساري ٻلواڙ ٻرجي اسان کان وئي،
ٻول وڪجي ويا،
اسان خود بهارن لئہ پتڪون پيا،
اسان خود بهارن لئہ پتڪون پيا.

جيڪي ماڻيو اٿئون!!

وقت جو ويڻ جيسين وهاڻي نٿو،
گهاءُ گوندر جو جيسين گُهماڻي نٿو،
جيسين جيون جو پيالو هي پَلٽي نٿو،
زندگي! زهر پر، زهر پر، زهر پر.

اڻ ڳڻيا آسرا. آڻتون اڻ مَيون،
مامرا، مونجهه، منزل جون محرميون،
ڪائناتن وڏو جيڪي ڪشڪول ۾،
سوئي سيڪجهه اٿئي، سوئي سمجهج ثمر،
زندگي! زهر پر، زهر پر، زهر پر.

پاڻ کي جا پُڪي ۾، رڳو پياس پئي،
سي وره ۾ وڇوڙا، وڏي راس هئي،
اُجن جا املهه ڏاڍا احساس تئي!
جيڪي ماڻيون اٿئون، تنهنجو ماتم نه ڪر،
زندگي! زهر پر، زهر پر، زهر پر.

موت جو نيٺ محصول پرٽو نه آ،
هي جو آڪاش ويو، هاڻ ورٽو نه آ،
پر جُڳن تائين جڳ کان وسرٽو نه آ،
ڏات جو ڏيهه ۾ ڪين ٿيندو ڏُڪر.
زندگي! زهر پر، زهر پر، زهر پر.

اڙي عشق!

اڙي عشق! تو وٽ وري پيو اڇان،
خودڪشي، زندگيءَ ڪان پري آ اڃان.

جڏهين پي تو هٿ مان آ هٿڙو ڪڍيو،
هٿن جي لڪيرن سان ورچيو پوان.

اوهان جي اکين ۾ ڪي ارغون هئا،
اسان جي هئي دل، سنڌ ڏرتي جيان.

جن جي قسمت ۾ دوزخ ڏُريان ئي لکيو،
او خدا! ڪيئن توکي چون مهربان؟

او سقراط! هڪ سُرڪ جي ها پرين،
زندگيءَ جي زهر جي، ميخان ها ميان!

موتين جهڙا ماڻهو

پنهنجا ڀاڳ نيارا نڪتا.

موتين جهڙا ماڻهو سائين!
ڪوڙا ڪچ ڪسارا نڪتا،
پنهنجا ڀاڳ نيارا نڪتا.

پنهنجي لاءِ ته او پاڳل من،
ڪاتونبا ڀي ڪارا نڪتا،
پنهنجا ڀاڳ نيارا نڪتا.

ڏاهن جي هن ڏيهه سڄي ۾،
ديوانا ٻيهي وارا نڪتا،
پنهنجا ڀاڳ نيارا نڪتا.

ڪوئي دل ۾ درد نه پوءِ به،
نيڻن مان نيسارا نڪتا،
پنهنجا ڀاڳ نيارا نڪتا.

سڪ وارن جو سوڳ ملهائڻ،
چنڊ ڪتيون ۽ تارا نڪتا،
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

پنهنجو پيار ته پاپ نه هو پوءِ،
دشمن چو جڳ وارا نڪتا،
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

چئو سِٽو

جنهن ڪينجهر جي پاڪيزه پاڻيءَ منجهان،
تماچيءَ تڙڳي ڏنيون تي ٻِڪون،
اڄ انهيءَ جيِ ڪنارن تي پانن پڪون!
اڙي وقت! منهن ۾ ٿُڪون تئي ٿُڪون!

فاضل جي شهادت تي

هي ڪنهن جو موت هو؟
جنهن تي،
سموري ڌرتيءَ جي،
پکين پچاڙيو ۽ پوپٽن پريا سڏڪا.
ماٿهيي جي اکين جي اوٽ ۾،
پکڙيل بادل،
ميگهه جي منڊ ڪان اڳ برسي پيا،
ٻگلن تي گرم لڙڪ پلٽي پيا،
گلن تي ماڪ رُني.
هي ڪنهن جي موت جي آ هاڪ،
جنهن ۾ باک رني،

هي ڪنهن جو موت هو؟
جنهن تي سموري ڌرتيءَ جو
عذاب ڦٽڪي پيو،
ڊيل ڪان چال ۽ هرڻين ڪان چال وسري ويا،
سموري ڌرتي جي،
تاريخ جي استادن ڪان،
زوال لازوال جا سوال وسري ويا.
هي ڪنهن جو موت هو؟

جنهن تي سموري ڌرتيءَ جي،
لوفرن، ڪارمنهن، بدمعاشن،
پنهنجي بي هوده ڪامرانيءَ تي،
وڄايائون بغلون ۽ خوشفهمين جا ٺهڪ ڏنا.
هزارين روشني کي ويڙ ڏئي،
ٽي ڇتا، سج تي بڇيائون ڪُتا.
۽ ڪُتا!
جيڪي ڳيي جي موهه ۾،
پنهنجي هم نسلن کي،
ڇڏيندا چيري ۽ ڦاڙي آهن.

هي ڪنهن جو موت هو؟
جنهن تي سموري ڌرتيءَ جي.
وحشين، رهزنن ۽ جلادن،
نفرتن، ذلتن ۽ خواريءَ جي،
آخري جام کي تجويز ڪيو،
پنهنجي تاابد شڪستن نالي.

بارگاهِ رسالت (صہ) ۾ هڪ نماڻو عرض

تون آمنہ جي اکين جو تارو!
تون فاطمہ جو پدر پيارو!
نبي پلارو!
اسين تہ تنهنجي اپوجهہ اُمت.
اسان تي تنهنجو عظيم ٿورو.
اسان لئہ تنهنجي مُلڪ جو ماڻهو
پُريان ئي پوترہ "عرب سڳورو"

مگر او مرسل (صہ)!
معاف رکجان.
جڏهن بہ ڪوئي،
حجاج يوسف جو همشڪل ۽
شمرہ يزيدن جو همہ نسل ڪو
عرب سڳورو
وري اسان تي ڪري ٿو ٿورو.

جڏهن بہ ڪوئي،
ابوجهل جو عمامون اوڍي
ڪو ابنِ ملجمہ،
عرب سڳورو

سخي لٽيرو
ابوجهه امت جي،
ڪنهن به آميءَ جي عصمت جا اُره پٽي ٿو
۽ مان ڏسان ٿو،
انهيءَ آميءَ جي ڪنواري ڪک مان
جو "ابنِ آمي" جنم وٺي ٿو
سو ابن مريم پلي نه سڏجي،
پلي نه مهدي ئي ڪوٺجي ٿو،

پر ايترو سو ضرور ٿئي ٿو
جو ڪجهه حديثن، هدايتن جو،
گهڻن عقيدن ۽ آيتن جو،
ڀرم ٽٽي ٿو.
۽ دين جي جنتن مان آدم
وري به ساڳيو ثمر پٽي ٿو.

جنوري، 1983ع تي، جهمپير، ضلعي ٺٽي ۾ عرب سياحن، ٻن عورتن قابيءَ ۽ آمي سان زنا ڪئي، جنهن ڪري آمي (آمنه) بر وقت مري ويئي، ۽ پوليس ڪيس رجسٽر ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

مٽيءَ جي خوشبوءِ

جنهن نہ مٽيءَ جي خوشبوءِ کي ڄاتو هتي،
جنهن نہ سانگين جي سڱ کي سڃاتو هتي،
تنهن سان ڪهڙو ڀلا منهنجو ناتو هتي،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جو نہ اجرڪ جي عظمت جو قائل هجي،
منهنجي ٻولي ڏي جيڪو نہ مائل هجي،
ذهن جنهن جو اجا ڀي ورهايل هجي،
تنهن کي چئو منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جنهن سنگينن سان سانگين جا سينا چٽيا،
چڻ محبت جا مڪا مدينا چٽيا،
عشق عرفان جا آبگينا چٽيا،
تنهن کي چئو منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جنهن جي اک ماروئن ڏانهن ميري هجي،
جيڪو وانگين جي ٻچڙن جو ويري هجي،
جيڪو جلاد، قاتل ۽ قهري هجي،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جيڪو لاڏن ليارن سان نفرت ڪري،
منهنجي ٻورهيت پنهوارن سان نفرت ڪري،
درد وند ديس وارن سان نفرت ڪري،
تنهن کي چئو منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

بند اکڙين منجهان

ياد گيرين جا سيلاب ايندا رهيا،
بند اکڙين منجهان بَند پَڇندا رهيا.

چندڊ چٽرون ڪيون،
دل جي تنهائي تي،
تنهنجي آڪاش جي،
هن اڪيلائي تي،
طنز سان روز تارا تڪيندا رهيا،
يادگيرين جا سيلاب ايندا رهيا.

وقت! تنهنجو هي ورتاءُ،
واجب نہ هو،
گهايلن تي نئون گهاءُ،
واجب نہ هو،
وک وک تي وڇوڙا ويندا رهيا،
يادگيرين جا سيلاب ايندا رهيا.

نيڻ نيندون هيا،
وينڻ وٽندا هيا،
تنهنجي چڙين منجهان،
قول چٽندا هيا،
ها! مگر اڄ اُهي وقت ويندا رهيا.
يادگيرين جا سيلاب ايندا رهيا.

ڪالهه لنگهي ويا قافلا

مون وٽ ڪوبہ نہ ماگ!
ڪالهه لنگهي ويا قافلا.

ڪيون لُڪ لوساٽيون،
آرهڙ اوتي آگ،
ڪالهه لنگهي ويا قافلا.

ڏنم ڏينهن لڙي چُڪو،
جنهن پل ٽيم جاگ،
ڪالهه لنگهي ويا قافلا.

نڪو ڏنگو ڏيهه هو،
نڪي پُليم ياگ،
ڪالهه لنگهي ويا قافلا.

حيف هجئي او هينئڙا!
وڙ نہ تو ويراگ،
ڪالهه لنگهي ويا قافلا.

آفريڪي شاعر بنجمن مولائس جي قتل تي

اداس ڌرتي جا مظلوم،
نماڻا شاعر!
مان تنهنجي موت جو اسرار خوب ڄاڻان ٿو،
تنهنجي قاتل،
تنهنجي جلاد کي سڃاڻان ٿو.

مان تنهنجي موت جي عذاب کان،
اڻڄاڻ سهي،
مان تنهنجي موت جو اعزاز خوب ڄاڻان ٿو،
اهو اعزاز،
جيڪو ڌرتيءَ جي،
هر نئين نسل جي امانت آ،
سهاڳ رات جي خوابن جي امانت وانگر
يا تنهنجي ڏيل ڏکويل کي ڏنل،
سوين ڏيهن جي عذابن وانگر.

مان ڄاڻان ٿو ته
جڏهين کو ڏاڍو،
اڇي ٿو هيٺي تي بندوق سَچي،
ته ڪائنات جي ضمير جيان
حساس ذهن جي لوڻائيل سمونڊن ۾
سچ جي پوپري ڦٽڪي تي پوي.

مان ڄاڻان ٿو ته
ذات جي ديوي
جڏهين تخليق جي
آزر کي برغلائي ٿي،
۽ جڏهين ذهن ۾ قيامتون ٿيون برپا ٿين،
۽ جڏهين قلم جي تيشي ۾ ڪا جنبش ٿي اچي،
ته پوءِ دل جي صنم خاني ۾
هزارين بت تراشجي ٿا پون،
پيار جا،
سونهن جا،
آزادين جي نعرن جا،
سچ جي سوڀ جا،
انصاف جي وقارن جا،
امن جي رنگ جا،
احساس جي بهارن جا،
عقل ادراڪ جا،
علم ۽ افڪارن جا،
پوءِ اهي بت،
اهي صنم خانا،
پنهنجي تخليق جو دليل ڏئي،
هٿن ٿا چغلي پنهنجي خالق تي،
۽ موت سان مامر سٽي،
هي به دشمنن وانگر،
يا وعدي معاف گواهن وانگر،
پنهنجي خالق کي پنهنجي موجد کي،
وجهي گردن ۾.

سچ جون سنگهرون،
مقتلِ عشق ۾ گهليو ٿا اچن.
۽ ٿهان پوءِ، پنهنجي آذر کي،
پنهنجي خالق کي، پنهنجي شاعر کي،
وفا نگر ۾ سنگسار ڪري،
اڪيون ڪڍائي، سَردار ڪري،
وڏي غرور سان مرڪي ٿا پون،
پنهنجي تخليق جي قيمت ٿا وٺن.
اداس ڌرتي جا مظلوم نماڻا شاعر!
مان تنهنجي موت جو اسرار خوب ڄاڻان ٿو،
تنهنجي قاتل،
تنهنجي جلاد کي سڃاڻان ٿو.

واعظ

اسان جي رُت جون،
سڀ ريتون، روايتون بہ الڳ،
اسان جي سهپ،
صبر ۽ شڪايتون بہ الڳ.
اسان جي دين جا خطبا
۽ ڌرم جون پوٿيون،
گھنڊ گيتا بہ الڳ،
۽ قيامتون بہ الڳ.

جهان ساري ۾،
پن ڇڻ کان پوءِ بهار وري،
اسر جي ويل،
ماڪ جي موڪي،
گُل گُل جي اکين ۾ ڪيپ پري،
۽ روز
شفق جي لالاڻ،
تن کي تلڪ هڻي.
۽ پنهنجي ياڱي ۾،
آهي تہ بس سرءُ آهي!؟
گُل گُل جون رڳون يادون!

پيا تصور ۽ خواب.
دل جي ڪشڪول ۾،
ڪهڙو گلن جو دان مليو!؟
چند سوچن جا سڪا،
ٻہ ٽي ڪي "حسن حُباب"
اکين کي انتظار جي بدلي،
رولڙي، رات ۽ رج ساڻ ڏڪيل
سچا رستا،
پيو سوجهري جو سراب.

روح جي شاهي قلعي جي،
وفا اسيرن کي،
مليا تہ درد مليا،
پيا وفا، جفا جا عذاب.

نہ ڪا ٻہ مڏ، نڪا مُرڪ
نہ ڪا ماڪ ملي،
اکين مان اوتيون وينا،
رڳو سورن جو شراب.

۽ روز،
شهر جو ملان چوي ٿو واعظ ۾،
"اچا ٻہ ڏينهن قيامت"
اسان کان ٿيندو حساب!؟

تنهنجي ڳچيءَ جا داغ هي ڳاڙها

موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ.
سچ جي خاطر سرڙو ڏئي،
تو سوريءَ کي سينگاريو آ.

تنهنجي خون جي خوشبو مان،
قول هزارين ڦٽندا رهندا،
ساري ڌرتيءَ جا دل وارا،
واس انهن مان وٺندا رهندا.

ڏاڍ جي اڳيان ڏونگر بنجي،
ڏونگر کي تو ڏاريو آ.
موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ.

تنهنجو وڇوڙو وانگيئڙن کي،
وڏ وجهي تو وير وٺڻ لئہ
تنهنجي ڳچيءَ جا داغ هي ڳاڙها،
مون کي چون ٿا جنگ ڪرڻ لئہ.
جيڪو ستم تيو سانگين سان،

ٻارڻ تنهن کو ٻاريو آ.
موت نہ تو کي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ.

هي جو بادل ٻرجي ٻرجي،
تنهنجي قبر تي برسيو آهي،
ماڪ ڦڙا آڪاش وسائي،
ڳايو تنهنجو مرثيو آهي،
سنڌ ديس جي ذرتي تنهنجي،
جهوريءَ ۾ اوچنگاريو آ.
موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ.

(شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت تي)

اجا پره پر پري

اجا آهه اُماس
اجا پره پر پري،

سڄڻ منهنجي سوچ جا،
اجاريا الماس.

ڏيهه ڏنا هن ذات کي،
ويچارن جا واس.

ماڻهو ماڻهوءَ جو پٽي،
مرونءَ وانگر واس.

شهر سڄي ۾ سانت جو،
رنيي پيو راڪاس.

جيڏو پنڌ پهاڙ جو،
ان ڪان وڏي آس.

ادل! عيسيٰ تي پٿون،
ايئن نہ هوءِ انگاس.

ڪير ٿو چئي...!

ڪير ٿو چئي ڏيهه ۾ آهي ڏُڪر!؟
ڪير ٿو چئي آ مهانگائي ميان!؟
مصر جي بازار آ،
هر طرف هڪار آ،
پل ڪتوري جي ڪٿي خوشبو نه آ،
خون جي خوشبوءِ ته آ ارزان اجان،
ڪير ٿو چئي ڏيهه ۾ آهي ڏڪر!؟

پيٽ پل آهن پنوهارن جا پَلا،
پر پُٺي ڪي ڏس ته ڪوڙن ڪيئن ڪيو،
جڙ ڪڏيا سورج مکي آهن سلا.
ڪير ٿو چئي آ مهانگائي ميان!؟

ايترين سستيون سريون سنيرو ڪڏهين؟
جو اچن پيون اڏين ڪي التيون،
اي ڏيهه!
توکي پيا اجان ٿا ڏوهه ڏيون!؟

(اچام شورو 1983)

شل انهيءَ ڪان اڳي

ديس پنهنجي مان ڏاريان تي ڌڪجي وڃون،
پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ لئہ سِڪجي وڃون،
يا فلسطينين جيئن ڦُـرجي وڃون،
شل انهي ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مرون.

پنهنجي ڏاڏاڻي قبرن مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي وڏڙن جي هڏڙن مٿان هٿ کڻون،
يا پٽائي جي سڏڙن مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي تاريخ جي مُنهن تي ڪارنهن مَليون،
شل انهي ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مرون.

ڪيئن ڪارونجهر ۽ ڪاڇي مٿان هٿ کڻون،
ڪيئن ڪينجهر ڪراچيءَ مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي نوري تماچي مٿان هٿ کڻون،
۽ وڏيرن جيئان سنڌ وڪڻي ڇڏيون،
شل انهي ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مرون.

پنهنجا ايندڙ نسل دربدر تي رُلن،
ذلتن ساڻ ڪيمپن ۾ پَلبا رهن،
پنهنجي وڏڙن تي لعنت ملامت وجهن،
مارئي جي وطن جا مياري ٿيون،
شل انهي ڪان اڳي ڪاش وڙهندي مرون.

اهو سڀ ڇاهي؟

هي جيون!
رڳو ناهي ڪو جر قوتو.
نہ واريءَ تي ليڪو،
نڪو واءُ جهوٽو.

ميون ٿا!
برابر، تہ اڄ يا سياڻي،
بدن جو هي پنيور
پڙ پانگ ٿيندو،
پنهل هي پساهن جو ويندو پلاڻي.
مگر
هاڻي هاڻي
اهائي گهڙي جنهن ۾ تون مان جيئون ٿا
انهيءَ جي هجڻ کان تہ انڪار ناهي!؟
اهو سڀ ڇاهي!؟

هي نيڻن جا ڏيئڙا!
ٻرن يا اُجهامن
وڏي ڳالهہ ناهي،
مگر چڻن اکڙين جي سرگوشين ۾

بي آواز لفظن کي
معنيٰ ته آهي؟
اهو سڀ ڇاهي!؟

چمين ۽ چپن جي،
ڪنارن جي وچ ۾
احساس جو،
جيڪو ساگر وهي ٿو،
ڇا! اهو ڪنهن به صورت ۾
سڪٽو به آهي!؟
اهو سڀ ڇاهي!؟

يا. . .
جدائن جي ويران
چاندڪين ۾،
ڪنهن ڏورانهين ٽيشن * تان
مڌم سُرن ۾،
لتا، گيت ميران جوتي ڳُنگنائي
ڇا!
انهيءَ گيت کي موت ۽ مات آهي!؟
اهو سڀ ڇاهي!؟
هي جيون رڳو ناهي ڪو جر ڦوٽو،
نه واريءَ تي ليڪو،
نڪو واءُ جهوٽو.

* ٽيشن = ريڊيو اسٽيشن

او امان!

او امان! او امان!
منهنجي جيجل امان!
جيڪڏهين، رات جي
رهزنن جي هٿان،
مان به ماريو وڃان،
منهنجي ساٿين جيان.
توکي پنهنجي ئي ممتا جو آهي قسم،
ڪين تون روئجان،
ڪين دل لاهجان.

سچ ۽ سونهن جي
سوڀ خاطر ڪڏهين،
مان به شيشن مٿان
جي سمهاريو وڃان،
پره جي پياس ۾
پنهنجي پيارن جيان،
جي سنجهي جوئي
سوريءَ ٽڪاريو وڃان
ڪنهن به شاهي قلعي جو

مان سينگار ٿيان،
يا دلائيءَ جي
ڪيمپن ۾ درڪار ٿيان
لانگ بوٽن جي هيٺان
چيٿاريو وڃان.
موت پنهنجي ڪان
اڳ ۾ ئي ماريو وڃان.
ڪين تون روئجان،
ڪين دل لاهجان.

منهنجي راهن ۾،
رَت جي آ خوشبو رچيل،
منهنجي ساهن ۾ آ،
ٻَند جي بوءِ پنل،
منهنجي سوچن تي
صدين کان پهرا پيل،
منهنجي نس نس ۾
ناسور اهن ڪُليل،
منهنجي گس گس ۾ پٽ،
گرز ڀالا ٽنگيل.
منهنجي وڪ وڪ تي،
ويرين جون وارون ٿيل.
منهنجي ڪُڪ ڪُڪ ۾،
پنهنجن جا خنجر ڪتل.
منهنجي تاريخ،
صدين جي قرضي ٿيل.
منهنجي ٻولي ٻه آ،

پاليشاهي بنيل.
منهنجي مارئن مٿان
موت ا مچريل.
منهنجي سانگين جو ڪيڏو
ستم ا سَٺل
ڪو آ ٺياسن ٽنگيل،
ڪو ڪڙهاين ڪڙهيل.
ڏس ته آ ڏيهه ۾،
ڏاڍ ڪيڏو مٿل.
جو به هٿ ٽيو اُبو،
سوئي هٿ آ ڪپيل،
هيڏي ڏهڪاءَ ۾،
ڪيس ڪهڪاءَ ۾،
ڪيئن سي ڪجهه سهان؟
ڪيئن چپ مان رهان؟
منهنجي ڏاهي امان!
منهنجي پياري امان!
ڪين مون کي تون جهل،
ڪين مون کي تون پل،
مان وڃان ٿو وڃان.
مان وڃان ٿو وڃان.
جي نه موٽي اچان!
منهنجي مٺڙي امان!
جي نه پيريءَ ۾ تنهنجو
سهارو ٿيان
ڪنهن عباسيءَ * يا

* شهيد نذير عباسي

بوبي سينڊس * جيان
جيڪڏهن رات جي
رهزنن جي هٿان،
مان به ماريو وڃان،
منهنجي سائين جيان،
توکي پنهنجي ئي ممتا جو آهي قسم
ڪو نه ڏکڙو ڪجان
ڪين دل لاهجان!

جي نه ميندي هٿن تي
لڳائي سگهان
تنهنجون آسون
نه توکي پسائي سگهان،
ڪنهن به هوشو جيان
ڪنهن به هيمون جيان
رت جي راند ۾،
گهوٽ ڳاڙهو ٿيان.
توکي پنهنجي ئي ممتا جو آهي قسم!
ڪو نه ڏکڙو ڪجان
ڪين دل لاهجان!
منهنجي ننڍپڻ جي
يادن جي تصوير کي،
منهنجي اکڙين مان نڪتل
ڇميل نير کي،
سورمي جي لهو جهڙيون لوليون ڏجان
اڻ ڏٺل منهنجي

* آئرلينڊ جو جودڙو 1980 ۾ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪري شهيد ٿي ويو.

خوابن جي تعمير ڪي،
منهنجي هٿ ۾ پيل
لوهي زنجير ڪي،
لال ميندي مَلي
منهنجي شاديءَ جا
ڳيچ پئي ڳائجان!
پاڻ پرچائجان!
توکي منهنجي جواني جو آهي قسم!
پر تون نہ روئجان
ڪين دل لاهجان.
او امان! او امان!

وڪِجي ويا!

ڪٿيرين سندا ڪيتَ وڪجي ويا،
ندڙڪن جيان نيتَ وڪجي ويا.

اڙي چند! ألهي هليو وڃ هتان،
چاندوڪين جهڙا چيتَ وڪجي ويا.

تيو سندَ ڏرتيءَ جو نيلام عام،
۽ سنڌوءَ جا لس ليتَ وڪجي ويا.

جيڪي رهبر هئا، سي ٿي رهزن تيا،
ڪري نيتَ اک تيتَ وڪجي ويا.

لُولي جي لانگهي ڪان لُون لُون لُڇي،
پنهوارن سندا پيتَ وڪجي ويا.

وڪيا سنگ سونا ۽ سايون پنيون،
وڏي واڪ جي هيتَ وڪجي ويا.

سارو ڏيهه ڏياچ

ٻيجليا ڪجهه ٻول!
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

مِرَ سڪن جيئن اڇلي اڇبا،
جنهن وقت جهليندين جهول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

ڪاڪا ڏرتي دان گهري ٿي،
ريتو رت رتول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

کهڙو ڪانڪي جنهن نہ ڪيو ڪو؟
ڪارونجهر سان قول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

جيءَ جو جهونا ڳڙهه جهنجهوڙي،
ٻول ڪو اهڙو ٻول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

سپنن تي ڪي سادا ماڻهو،
پائن قيد ڪڙول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

هڪ سپني جي ساپيا خاطر

هڪ سپنو!
جنهن جي ساپيا خاطر،
پنهنجي نيڻن جي صليبن تي ٽنگيل،
سوين سپنن کي گهٽا ڏيئي اسان ماريو آ،
پاڻ تي ظلم ڪري، پاڻ کي جياريو آ.

اهو سپنو!
سهاڳ رات جي جوڙي جيان،
ٻهڪيل ٻهڪيل.
سهاڳ رات جي مينديءَ جيان،
خوشبو، خوشبو.
سهاڳ رات جي ڳيچن جيان،
سادو، سادو.
سهاڳ رات جي لمحن جيان،
جاڳيل، جاڳيل.
اهو سپنو!
جنهن جي ساپيا خاطر،
پنهنجي جيون جي هر چوسول مٿي،
ڪنهن ٽري ٻار جي پُرپياس نگاهن جهڙيون،
اسان پنهنجي سهاڳ جون راتيون،

ڪنهن ننڍڙي واڪ تي نيلام ڪيون،
سو به سرِعام ڪيون.

پنهنجي هر آرزو ۽ چاهه جي چاهين جا ٽڪرا،
سنڌوءَ جي پيٽ ۾ اڇلائي ڇڏيا،
۽ پنهنجي موهه جا ننگا لاشا،
پنهنجي خوشين جي جنازن وانگر
بنا ڪفن جي ئي دفنائي ڇڏيا.
سرير پنهنجي ۾ صدين ڪان سجيل،
صنم ڪلن کي لڳائي تيلي،
وٺي بدلو اسان محرومين ڪان،
پنهنجي ناڪامين جو جشن ڪيو،
رڳو هڪ سپني جي ساڀيا خاطر.

رڳو هڪ سپني جي ساڀيا خاطر،
رشتن، ناتن جي رب ڪان منڪر ٿي،
باغي ٿي،
ڪفر ڪري ڪافر ٿي،
تتل واريءَ کي،
پير قلتن جا،
زهر ڪنورين کي
چپڙن جا،
رٽن جي رڃ کي به
نظرن جا،
ڪيڏا ناياب ڏناسين تحفا،
لطيف جي ڪلام جا نسخا.

۽ بيقرار من جي جوڳيءَ کي،
رات جي زخمي ڪيل روڳيءَ کي،
لکين تنهائين جا تياڳ ڏئي،
دل جي هر ساز کي،
دردن ڀريو آواز ڏئي،
ضمير پنهنجي کي،
ماريءَ جهڙو انداز ڏئي،
پنهنجي احساس جي منصورن کي،
پاڻ ئي پنهنجي هٿن ساڻ،
سوريءَ تي چاڙهيو،
پنهنجي خوشين جي حقن کي ماريو.

پنهنجي هر آتما ڪنگال ڪري،
ڪڏي ڏيوالو پنهنجي لڙڪن جو،
پاڻ کي حال مان بيحال ڪري،
انهيءَ سپني کي،
انهيءَ خواب کي ماڻڻ خاطر،
آيا ڳي نينگريءَ جي،
ڪنهن لڪل گناهه جيان،
پنهنجي ويري شعور جي ڪُک ۾،
نپايو، تاتيو، پاليو آ،
رڳو هڪ سپني جي ساڀيا خاطر،
ڪيڏو دڪڙو اسان جاليو آهي.

اهو سپنو،
انهيءَ عذاب جيان،
ڪنهن ڪنواريءَ جي پاپ ۽ پيچ جو،

ڪو ڊنل راز نہ آ.
پنهنجي ناڪرده گناهن جو هڪ انداز سهي،
شهر جي ڪچرا، گهرن مان ايندڙ،
ڪا ڏڪيل چيخ نہ آ،
ڪو گهٽيل آواز نہ آ.

اهو سپنو!
سهاڳ رات جي جهرمر جهڙو،
ڏاڍو واضع، ڏاڍو روشن آهي،
اهو سپنو آهي،
ڏور، آڪاش جي ياڪر ۾ ٻڪيل،
ڪبوترن جي وڳر ڪي محو پرواز ڏسون.
پنهنجي نيڻن جي خوشي جو،
نئون انداز ڏسون.

سچ جي روشنيءَ جو مرهم ڪٽي،
پنهنجي ٻوساٽيل ڦڦڙن کي هٽون.
سموري شڪتي کي مرڪوز ڪري سيني ۾،
کُليل آزاد هوائن ۾ وڏا ساهہ کڻون،
۽ تهان پوءِ اکيون بند ڪري،
پکيڙي مُرڪ، خشڪ چپڙن تي،
ڏيئي جندڙيءَ کي الوداعي چُمي،
موت جي اڻ ڏٺل منزل ڏي تٽون،
موت جي سامهون ڳاٽ اوچو کڻون،
۽ "پنهنجي آئيندي کي،
اچ ٿي وٺون."

اڙي دل!!

اڙي دل!
اڙي دل!
ايڏي ٻه پاڳل؟
رڳو ناهي تنهنجي
وفائن جفائن جي
ماتم ڪڏن ۾ هي محشر متل.
ڏسين ڇو نه تي سارو ساڙيهه صدين ڪان
آهي ستل.
ڪسابن ڪان،
ساري ڪُرم جي ڪنن ۾ ڪپهه آ پيل.

اڄ انهن ڏي هلون!
جن جو ناهي ڪڏهين ڏور، ڇلڙو، جمالو،
همرچو هٿل،
جن جا سڀ گهيڙا،
گهنڊٽين لئه سڪيل.

اڄ انهن ڏي هلون!
جن جو ناهي ڪڏهين،

چيٽ جي چنڊ جو گيت ڀريون ڇپل،
جن جا سڀ ڪيٽ ۽ چيٽ
وڪڻجي ويل.

اڄ انهن ڏي هلون!
جن جي پڳڙن پهين تي،
وٺائن وهين تي
ڏُريان ٿي ڏڏڙ ڏوڙ آهي ڇميل،
پنهنجي تاريخ ڪان پڻ اوناهان ڊڪيل،
جن جي لاٽن لين تي
۽ ڪپڙن ڪهين تي
ڏارين ائن جا، سوين ڏڻ پليل،
جن تي ناهي بهارن جو پاڇو پيل.

هل انهن ڏي ٻه هل!
جيڪي پنهنجي ئي ڌرتي تي ڏاريان ٿيل،
ضميرن تي پڻ جن جي ڏاڙا لڳل،
رڳو بهشت جي آسرن تي پليل.

اڙي دل، اڙي دل!
انهن ڏي ٻه هل!
جن جي نيڻن ۾ ناهي ڪو سپنو سجيل،
جن لئه ميگهاجي رُت ڪي منع آ ٿيل،
جن جا سڀ ڀاڳ
ڪاهوءَ جيان اجڙيل،
جن جو هر ماڳ
رڻ ڪڇ جي واري ٽتل.

ها انهن ڏي ٻ هل
جن جي نيٽن جي مڪليءَ جي مدفون ۾
رڳو چند آسن جا لاشا ڏِٺا ڪيل،
جن تي،
دردن ۽ سورن جا ڪتبا لکيل.

اچ انهن ڏي هلون،
جن جا "چُپ" سان چپڙا ٻ آهن سبيل،
جن جي واتن مٿي
ماٺ مهرون لڳل،
جن جا سڀ قافلا
رهنما جا ڦريل، رهبرن جا لٽيل،
جن لاءِ منزلون مام بنجي ويل.

اڙي دل!
اڙي دل!
انهن ڏي ٻ هل!
وقت ويريءَ هٿان
جن جا چهرا چماٽن سان آهن چٽيل،
جن تي آهن ايجا
جن تي آهن ايجا
سونهن سچ جي شهادت جا منظر چٽيل.

اڙي دل!
اڙي دل!
ايڏي ٻ پاڳل!
ڏسين ڇو نٿي؟

لوڪ سارو اٿئي؟
وڪ وڪ تي وڌيل،
ڪو آ قربن ڪٺو
ڪو آ ڪاتيءَ ڪُٺل،
رڳو ناهي تنهنجي
وفائن جفائن جي
ماتم ڪدن ۾ هي محشر مٿل.

تنهنجي گهورن جي گهٽا

جهار هڪلڻ جُرم ٿي سمجهو اوهان،
بي مندا سڀ باغ پنهنجا ڀيل ٿيا.

يا ته پنهنجا لڙڪ باغي ڪين ها،
يا ته پنهنجا نيڻ بنجي جيل پيا.

هيل واهوندن وڏو آ وڙ ڪيو،
هيڏا هانبارا هوا ۾ هيل ٿيا.

تنهنجي گهورن جي گهٽا برسي جڏهين،
روح جي رڻ ۾ ترڙي رابيل پيا.

ڪالهه جن عيسيٰ تياسن تي ٽنگيو،
اڄ اُهي ساڳيا چُمن انجيل پيا.

اُجاڙي اُجها

اُجاڙي اُجها،
ڪاله رَمي ويا ڪاپڙي.

سڪڻ آهه سموند جيئن،
گڏجڻَ آهِ گِجا، *
ڪاله رمي ويا ڪاپڙي.

مُٺيءَ دل ڪي مامرا،
جانب ڏيئي جهجها،
ڪاله رَمي ويا ڪاپڙي.

پره جا هو پارڪو،
ڏيئي سِر سنجها،
ڪاله رَمي ويا ڪاپڙي.

---

* گجا = سمنڊ جي گِجي.

هي قاتل

هي رهزن، هي رت چوس ڪرنيل ڪاڻا،
هي بابر ۽ نادر جا نسلي نياڻا،
هي منگول تاتارين جي تخم جا،
هي حجاج يوسف جا نوڪر پراڻا،
نئين سر وري دين جا پائي چوغا،
اسان کان نمازن جا ڪن ٿا پڇاڻا!؟

جنين ڪعبو قبلو آهي آمريڪا،
مهاندن ۾ پڻ جيڪي سوئر شريڪا،
جنين ساري ڌرتي تي ڏاڙن هٿڻ ۾،
لتاڙيا سيئي لانگ بوٽن سان ليڪا،
جنين جي هٿن ۾ نہ آ، ڇائي ڇمر ڪان،
ڪوئي لڄ ليڪو، نڪا رحم ريڪا،
اُهي اڄ خدا جا ٿي نائب نماڻا،
اسان کان نمازن جا ڪن ٿا پڇاڻا!؟

هي وحشي بڪيا ۽ ٽڪن تي وڪاڻل،
سامراجين، سعودين جي ٽڪرن تي پاليل،
هي غدار گولا، هي غيرت کان وانجهيل،
بگهڙ، هي درندا، هي ڇاتل سڇاتل،

هي تهذيب، اخلاق، رشتن جا قاتل،
هي معصوم ٻارن جي مُرڪن جا قاتل،
هي بيواه نارين جي چوڙين جا قاتل،
هي مجبور پيڙهين جي آهُن جا قاتل،
هي مظلوم قومن جي مائن جا قاتل،
هي آزاد چنچل هوائن جا قاتل،
فڪر ۽ فهم جي فضائن جا قاتل،
هي خوشين جي خالق خدائن جا قاتل،
هي چوڙيلي چوڙيلي ٻانهن جا قاتل،
هي ڌرتي ۽ ديسن جي ڌانهن جا قاتل،
نماڻين نماڻين نگاهن جا قاتل،
هي چمين جا قاتل، هي چاهن جا قاتل،
هي ساهن جي خوشبو هڳائن جا قاتل،
حسن جا هي قاتل، حيائن جا قاتل،
هي گهنگور گدلين گهٽائن جا قاتل،
هي روشن جي ريتن ۽ راهن جا قاتل،
هي وعدن، وصالن، وفائن جا قاتل.

رومالن جي تحفن ۽ ڇلڙن جا قاتل،
سدا گڏ گذارڻ جي قسمن جا قاتل؛
هي راڪين جي رنگين رسمن جا قاتل،
هي ڌرتيءَ جي سونهن، جوڀن جا قاتل،
هي پوپٽ جي پرڙن ۽ ٻنؤرن جا قاتل،
هي برکا ۾ ٻهچندڙ ٻنيورين جا قاتل،
هي مکڙين تي ماڪن جي قطرن جا قاتل،
هي موتئي، گلابن جي پن پن جا قاتل،
هي سارين جي ڪڪرن ۾ لهرن جا قاتل،
هي بُلبل جي بيضن جي موتين جا قاتل،

رنگن، روشنين، ڪڙڪيتن جا قاتل،
هي ڪينجهر جي پاڪيزه ڪنولن جا قاتل،
هي سنڌوءَ جي آب زم زم جا قاتل،
هي زلفن، هي شبنم، هي پونم جا قاتل،
هي ساونڻ جي رم جهم، هي ڪنوٽين جا قاتل،
هي رڻ ڪڇ جي رولاڪ هرڻن جا قاتل،
هي ٿر جي سدامست مورن جا قاتل.

هي گابن جي گهنڊڙين ۽ گهيٽن جا قاتل،
ڪرن جا هي قاتل، هي ڪيٽن جا قاتل،
چانڊاڻ چڙنرن ۽ چيٽن جا قاتل،
هي پورهيت پنهورَان جي پيٽن جا قاتل،
پتڪڙن پارڙن جي سليٽن جا قاتل،
هي ٻگيرن، ڪبوتر ۽ ڪونجن جا قاتل،
هي تن جي پڙاڏن ۽ گونجن جا قاتل،
هي سوچن جا قاتل، هي ذهنن جا قاتل،
هي ڪاغذ، هي قلمن، هي لفظن جا قاتل،
هي دانائي، ڏاهپ ۽ علمن جا قاتل.

هي تاريخ جي سرخ بابن جا قاتل،
نون نظرين ۽ نصابن جا قاتل،
هي ماٺهوءَ جي مڙني مهابن جا قاتل،
عقل، فلسفي جي ڪتابن جا قاتل،
دليلن سان ملندڙ جوابن جا قاتل،
هي ڪونڌر ڪنوارن خوابن جا قاتل،
هي قاتل ڪلاجي خدائين جا قاتل،
هي ميران ۽ تلسي جي دوهن جا قاتل،

اياز ۽ نذرل جي نغمن جا قاتل،
هي بُلي، هي باهو، فريدن جا قاتل،
هي ٽيگور، ساحر، ڪبيرن جا قاتل،
بلاول عنايت جي جهوڪن جا قاتل.

هي ٻاٻاڻي ٻولن ۽ ٻولين جا قاتل،
هي گهونگهٽ ۾ گهاگهر گهڙولين جا قاتل،
هي ڏاڻين جا قاتل، هي ڏولين جا قاتل،
سهاڳڻ جي سَهرن سجوڙن جا قاتل.

هي امڙين جي آغوش، جهولين جا قاتل،
چار ديواري، چادر ۽ چولين جا قاتل،
اباڻن جي عيدن ۽ هولين جا قاتل،
هي لاڏن جا، لانون ۽ لولين جا قاتل،
رت ساڻ رڱيل جهمر ڪتولين جا قاتل،
۽ ماتامي مارن جي مولهين جا قاتل،
هي شهنائي دهلن جي گوڙن جا قاتل،
سهاڳڻ جي سَهرن سجوڙن جا قاتل،
هي ميندين جا قاتل، هي موڙن جا قاتل،
ستارن جڙيل سُرخ جوڙن جا قاتل،
نڪيتيءَ جي وٽندڙ وڇوڙن جا قاتل،
هي گهوٽن جا قاتل، هي گهوڙن جا قاتل،
هي قاتل، هي مڙسن ٻلوڙن جا قاتل،
هزارين، لکين ۽ ڪروڙن جا قاتل،
هي لاڪاڻ، ميهڙ ۽ مورن جا قاتل،
ڪراچي، ٺٽي، ڄامشورن جا قاتل.

SOORIH SINDHI ADAB

هي جوڏن جي جسمن ۽ جوڀن جا قاتل،
هي ڪوڙن ۽ ڦتڪن سان ڳيرن جا قاتل،
هي بجلي جي شاڪن سان بدنن جا قاتل،
هي پاڙن ڪان نڪتل زبانن جا قاتل،
هي شيشن جي سيجن تي سوڍن جا قاتل،
هي چچريل چماٽن سان چهرن جا قاتل،
۽ نهن بنا هٿ پيرن جا قاتل.

ٽڌن سان ٽيل چور هڏڙن جا قاتل،
هي شاهي قلعي منجهه سڏڙن جا قاتل،
هي سردين ۾ سڏڪن ۽ سسڪين جا قاتل،
هي سگريٽ داغن سان سينن جا قاتل،
هي سهڻن جوانن حسينن جا قاتل،
هي اٽموٽ، ارڏن، عظيمن جا قاتل،
هي زلفين جا قاتل، نظيرن جا قاتل.

هي لت پت لهوءَ منجهه لاشن جا قاتل،
هي اجرڪ جي رت رنگ ڪفنن جا قاتل،
هي آزاد سنڌڙيءَ جي سپنن جا قاتل،
هي ڦاسي جي گهاٽن تي نعرن جا قاتل،
هي پنهنجي شهيدن سنگهارن جا قاتل،
هي انصاف، عدلن، امينن جا قاتل،
هي دلين جي مذهب ۽ دينن جا قاتل،
هي قرآن، گيتا، صحيفن جا قاتل،
هي محبت جي مڪن مدينن جا قاتل.

SOORIH SINDHI ADAB

هي عيسيٰ، علي ۽ حُسينن جا قاتل،
هي ڪربل جي خاموش خيمن جا قاتل،
فلسطيني ٻچڙن يتيمن جا قاتل،
هي آزاد ڌرتين، زمينن جا قاتل،
هي قومن، هي نسلن هي وطنن جا قاتل،
هي ترڪن جي سرمست مرڪن جا قاتل،
هي ڪلمي گو ڀائر، بنگالين جا قاتل،
منهنجي باغي بهادر بلوچن جا قاتل،
پري ڇو وڃون هي ته پنهنجن جا قاتل،
هي سنڌين جا قاتل، هي سنڌين جا قاتل.

هيڏا قتل ڪيئن ٿيندا پراٽا
ٻڌوڪن ڪولي، خدا جا خليفوٗ!
اوهانجي قيامت اجها آهي اوڏي،
اجهو ٿيا عوامن جا آڏا پڇاٽا،
نمازن ۽ نفلن جا ناٽڪ رچائي،
بچي ڪين سگهندا او ڪرنيل ڪاٽا!
بچي ڪين سگهندا او ڪرنيل ڪاٽا!

* 1979 ۾ ضيا ٽولي طرفان جوڙيل صلوات ڪاميٽين ٺهڻ تي.

هڪ عيد ڪارڊ

چنڊ ڏسڻ ڪميٽي وارن ڏانهن

شهر جي مسجدن
ممبرن ٻوليو،
ساري وستي جي مُلن ۾ چوٻول پيو،
مرحبا مومنو!
مرحبا مومنو!
عيد آهي سڀان،
چنڊ ڏسجي ويو.
چنڊ ڏسجي ويو.

ڪو هنن کي چئي،
ڪو هنن کان پڇي!
چنڊ ڪنهن آ ڏٺو؟
چنڊ آهي ڪٿي؟
مومنو! مومنو!
دوربينيون اکين تان هٽائي ڏسو!
هيٺ ڌرتيءَ تي،
چو صدين کان وٺي،

ڪنهن ٻه پورهيت
ٻ هاريءَ جي گهرڙي وٽان،
چُلهه، دانگي ۽ ڪارنهن جي ڪڪرن منجهان،
ڪوبه ڀاڄهر سندو،
چنڊ اڀري نٿو،
مومنو! مومنو!
ڀرين ڌرتيءَ جي چنڊ کي ڳوليو
عيد جا پوءِ پيا ڏيندورا ڏيو.

نيڙو

سڄو ڏينهن ٺنا،
ريڊيو، ٽي وي ڪن ٽا،
ذهنن ساڻ زنا.*

* ضيا دور ۾ ميڊيسا جي ڪردار ڏانهن اشارو

انقلاب جي نان ۾

ٻُڌاءِ!
تون اجان ڪڏهن ايندين!؟
هزار وار،
ٻاڻ جون چنريون،
رات جي ڇاتي تان سرڪيون آهن.

اسان جون راه مسافر ۽ بيقرار دليون،
پوهه جي رات ڪي پرهه سمجهي،
ڪوڙي آئت متي چرڪيون آهن.
ٻڌاءِ! تون اجان ڪڏهين ايندين؟

لکين دفعا،
لهوءَ لباس ڍڪي،
توسان معراج ملهائڻ خاطر،
سنت عيسيٰ، فرض سمجهيوسين،
اجان بہ پاڻ متي،
تنهنجو قرض سمجهيوسين.

سوين دفعا.
عقل، ادراڪ جون شرير پريون،
(اسان جي عشق جي شهر جون چريون)
اسان جي شوق، اُبهرائي تي،
عجيب تَوڪ سان مُرڪيون آهن.
ٻڌاءِ! تون اجان ڪڏهين ايندين؟

گهڻا دفعا،
گهڻا جو گوڙ ٻڌي،
اسان جي صبر جون سيپئي سپون،
سوچ ۽ سُرت جي سمونڊن ۾،
رڳو هڪ بوند لئه پٽڪيون آهن،
۽ پاند ۾ رڄ جي خيرات ڪٺي،
نا اميدين هٿان ڏرڪيون آهن،
ٻڌاءِ! تون اجان ڪڏهين ايندين؟

سچ پڇين ته او سڄڻ سائين!
چئو طرف پيار جي دشمن جون،
اسان تي چٽرون،
ٻيا تنهنجا ناز و ادا،
لاغرضي ۽ بي حسي،
روح جي رت هاڻي ڦٽ متي،
هاڻ جڻ لوڻ تي ٻرڪيون آهن.
ٻڌاءِ! تون اجان ڪڏهين ايندين؟

ٻڌاءِ تون ڀلا تڏهين ايندين!؟
جڏهين،
اسان جي اکين جا هي تر ٻاٻيها،
تنهنجي ديدار جي اُڃ ۾،
شهيد ٿي ويندا. . ؟
۽ ساري عمر جا هي اوجاڳا،
توسان سرگوشين جي سَڌ ڪٺي،
ڪٺي ٽڪجي، ٽُٽي، سمهي پوندا!
ٻڌاءِ! تون ڀلا تڏهين ايندين!؟

دنيا کي پلا چاهي

ڳهورن جي گهٽائن سان، اڄ مينگهه مندون ٿاهي،
دنيا ته پيئي جلندي دنيا کي پلا چاهي.

خوابن جا ڏيئي موتي تعبير خريديون ها!
نيڻن جي نصيبن ۾ پر ننڊ لکيل ناهي.

دنيا جي خفن دل ۾ دردن کي ڇڏيو دفني،
ورنه ڪو وڇوڙن کان ورچيو به ڪڏهين آهي؟

مون غم کي گناهن جيئن لوڪن کان لڪايو پر،
ڪي ڳڻ ۽ ڳٺي ڳالهيون ڳوڙهن وڏو ڳالهائي.

آڪاش اياڻو آن، پٿر جا صنم پوڄين!
هر رُت نه صبا آهي، هر بت نه خدا آهي.

ڏوهه ڪنهن کي ڏيون!؟

قاتلن جي ڪلهن ۾
وڏئي اجرڪون
او ويڪُو وڏيرا!
ٽُڪون ٽئي ٽُڪون.

ٽَڪن لئہ وڪيون تو
سنڌي ٽوپيون،
سچ اهو آ تہ
سچ کي شرم تو اچي،
دلاليون دليريءَ سان اهڙيون ٿيون.

ڏيهہ واسيو ڏسو!
ڏوهہ ڪنهن کي ڏيون؟
ڪالهہ ڌرتيءَ مٿي
رت جي رقص تي
زخم، زنجير سان
نينهن جي نير سان
جنم جيلن اندر
جيڪي چورن چُريون
عشق جون اجرڪون،

كيستائين پلا،
ايئن ارزان ڪبيون؟
جنين پنهنجي سينن،
سنگينون هنيون،
اسانجي ننگن ڏي
نگاهون ڪنيون،
ڏسي تن سرن تي،
سنڌي ٽوپيون،
۽ ٽوپين ۾ جرنيل
چون ٽيون ٽڪون،
او ويڪو وڏيرا!
ٽڪون ٽئي ٽڪون.

مدتن کان .....

چنڊ! تون چئجان پرينءَ کي ايترو،
مدتن کان من اندر ماتام آ.

ڪيئن پرچايون پلا هن پياس کي،
هن ملڪ جو هر ميڪدو ويران آ.

چئو طرف آهن چتائن جا اُلا،
هي سنڌ آ، يا دوستو! شمشان آ.

چا! جانور کان ايترا ماڻهو مٺا؟
جيڏو ڪنو انسان کي انسان آ.

جلون ۾ تنهنجي

جلون ۾ تنهنجي ساڳي قيامت رهي نہ آ،
۽ منهنجي دل جي پڻ اها حالت رهي نہ آ.

تنهنجي ڪري هئي دشمني ساري جهان سان،
تون ويئن ڇڏي تہ ڪنهن سان عداوت رهي نہ آ.

اُيري اگڻ مٿان نہ مونسان چنڊ چاڳ ڪر!
چانڊاڻ تنهنجي سان مون ڪي چاهت، رهي نہ آ.

تو پنهنجي پيار جا پلي، پيرا لٽي ڇڏيا،
آڪاش ڪي بہ توسان شڪايت رهي نہ آ.

نيوٽران بم * جي ناهيندڙ ڏانهن

اي نيوٽران جا خالق!
اي قاتل انسان!
تنهنجي بيرحم تخيل جي ڪارنامي تي،
حيا اچي ٿو بيحيائي کي.
تنهنجي ايجاد جي، بد روح تصور سامهون،
ماٺيو ٿو اُگهاڙو ناچ نچي،
۽ اهڙو ناچ! جنهن ۾،
لئه هجي سفاڪي جي.
۽ اهڙي بوءِ جنهن ۾،
محسوس ٿئي سڙيل لاشو،
نه جنهن ۾ رنگ ۽ خوشبو هجي حياتي جي.

اونداهي سوچ جا موجد!
اي وحشين جا خدا!
ڪاش تون ٿوري دير جي لاءِ،
ڪنهن به شاعر جي اک سان جاچين ها!
ننڍڙي معصوم پنهنجي دنيا کي،
جنهن ۾ ڪو پيار گهري ها تو کان،

* نيوٽران بم، آمريڪي سائنسدانن جي ايجاد جنهن جي ڦاٽڻ سان ساهه وارا ختم ٿي ويندا ۽ ملڪيتن کي ڪو نقصان نه ٿيندو.

تنهنجي بم جي بجاءِ ماني ڪي.
دير ٿوري لئه مصور جي بنجي سوچين ها،
ڏسين ها! پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي ڪينواس مٿي،
پُر ڪشش قول سوين، موتئي گلابن جا،
جتي تيون رقص ڪن مڪڙيون اگهاڙي ڇاتيءَ سان،
ڏين دعوت ها جيڪي توکي حسن ماڻڻ جي.

۽ ٻيو ڪجھ ته اکيون ڪولي جي نهارين ها،
ڏسي سگهين ها اي ڪاش! ناگا ساڪي کي،
سوين اجڙيل گهرن جي شهر هيرو شيما کي،
ڪليل اکيون جي ڏسين ها، شهيد ٻارن جون،
جنين جا روح اجا تائين آسمانن ۾،
ٻري ڏين ٿا توکي جهوليون ستارن جون.

ها مگر تون نه ڪو شاعر نه مصور آهين،
تون نه انسان آن، آهين ٻيو پٿر آهين،
تنهنجي موجودگي ڌرتيءَ جي مٿان بار آهي،
توکي پئدا ڪري هوندو خدا ٻي پڇتايو،
ڪيو انسان سان تو ڪيڏو انيا چار آهي.

---

* ناگا ساڪي ۽ هيروشيما جپان جا شهر جنهن تي ٻي مهاياري لڙائيءَ وقت آمريڪا ايٽم بم اڇلايا.
** انيار چار = ظلم

جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا

جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا،
هن ڀونءِ سڄيءَ جا ڀاڳيا،
پوءِ سور نہ رهندا ساڳيا،
ڪندا جي مست قلندر،
دمادم مست قلندر.

بيراڳين جي ڀونءِ مٿي ڪا، باهہ ٻلي پئي ڀڙڪي،
هن نگريءَ سان نينهن اسانجو، نگري ناهہ نڌڻڪي،
سرمد جي سنت پارڻ لئہ مارو ايندا مرڪي،
ڪندا سڀ مست قلندر، دمادم مست قلندر.

منهنجا مست ملنگ هي مارو، ڏونگر ڪان ڀي ڏاڍا،
نيرَ نئين ڪا چيز نہ آهي، نڪي ڪڙول ۽ ڪنڊا،
ڪفني پائي ڪلهن ۾ ايندا، اجرڪ جي سا اوڍا،
ڪندا سڀ مست قلندر، دمادم مست قلندر.

تون "آڪاش"! اياڻو آهين، در در تي ٿو ڌاڪين،
چو نہ اجان تائين تون پنهنجي ٻانهن ۾ ٻَل پائين،
نيٺ پڄاڻي ٿيڻي آهي، سورن جي او سائين،
ڪندا جي مست قلندر، دمادم مست .قلندر.

جڳن جڳن کان...

جُڳن جُڳن کان جشن عام ڪري،
پنهنجي ڌرتي،
پنهنجي هستي،
پنهنجي وجود کي نيلام ڪري.
پنهنجي تاريخ جو ڪفن ڦاڙي،
ڪوڙ جي ڪچرا گهرن ۾ ويهي،
وري موئن جي دڙن ۾ ويهي،
انا جي ڍوندڍ کي ڦولهيون وينا.
اچا ٻه پاڻ کي ڳوليون وينا.

شهر ۾ سُج جو آ، مينهن اُنو.
نگر نگر ۾ ماٺ جو طوفان.
ٻ اهڙي ماٺ!
جو چهرا ٻه ٿين پيا حيران
ڪو پڙاڏو، نڪو آواز، نڪا دانهن ٻُري
موت جي رندي پيئي رقص ڪري
ٻ اسان!
ننڊ جو ترو ڏوڪي
ڏيون صبوح کي لوليون وينا.

اجا ٻه پاڻ کي ٻگوليون وينا.
اسان جي قبر جون رکوال،
خونخوار ٻگجهون،
سدا ٻڪايلون ۽ ڪار ڳجيون.
پنهنجي چنبن سان،
پنهنجي چهنبن سان،
اسان جو آئيندو کيڪارن ٿيون.
اسان جي ٻارڙن جي ٽولين ڏي،
ڪيڏي لالچ، ڪيڏي وحشت منجهان نهارن ٿيون،
۽ اسان؟
پنهنجي ابهمن کي اجان
ٻڌايون ٻگيري جون ٻوليون وينا.
اجا ٻه پاڻ کي ٻگوليون وينا.

۽ ڪڏهانڪر ڪراڙ جي ڪپ تي
پنهنجي مرشد جي صنم خاني ۾
ڏات جي اپسرا ڏسڪي پيئي،
چؤطرف ترٿلو برپا آهي،
چؤطرف زلزلي جي آمد آ
جو پٽ ڏٽيءَ جي قدمن هيٺان
زمين سنڌ جي ڪسڪي پيئي،
۽ اسان سڀ،
مزار تي مُرڪي
چڙهايون ريشمي چوليون وينا.
اجان ٻه پاڻ کي ٻگوليون وينا.

منهنجا مارو مُرڪن ٿا

منهنجا مارو مُرڪن ٿا،
ساري جڳ جي جهرمٽ ۾،
سانت ڏٺي، سڏجن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

قاسيءَ گهاٽن جي ڦندن کي،
ڪُنهنبا خواب چمن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

گاج منجهان گجگوڙ اٿي آ،
ڀُرٽا بَند ڀَڄن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

تازي رت سان تاريخن ۾،
ليڪ نوان لکجن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

نگرين منجهه نظام نئين سر،
!ور وري اڏجن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

(1983ع ۾ ايم. آر. ڊي. جدوجهد جي حوالي سان)

هو بهو تو جيان

تو سورج ڪي مُرڪي
مبارڪ ڏيان،
جيئن تون رات جي وات ۾ وه وجهي
روز اوير ڪي روشن ڪرين ٿو اجان،
تيئن بيمار مائُن جي ڪُک ۾ پليل
سگهن ٻارڙن جي خوابن منجهان،
تخليق جي درد دک ۾ پليل،
پيئائي جي ڪنهن بيت وانگي جيان،
ساک سان تو چوان،
منهنجي ڌرتيءَ جي ڪُک
سائي آهي اڃان.

ڪو جنم تو ڏسان
هوبهو تو جيان،
ٻهڪندڙ ٻهڪندڙ
جرڪنا جرڪنا،
خوشيءَ ۾ مان پاڳل ٿو بنجي پوان،
پاڻ ئي دل جو دل ۾
تو مُرڪي پوان.

(اسپتال جي ليبر روم ۾ هڪ ٻار جي پيدائش تي)

جيئڻ لئہ جڳ ۾

جيئڻ لاءِ جڳ ۾ ڪو جذبو تہ گهرجي،
مگر ڇو اسين
خالي خالي، رڳو ڪوڪلا ڪوڪلا،
ڇڻ شرابيءَ جي سوچن سندا سلسلا.
ڪنيو ٿا وتون پاڻ پنهنجا ئي لاشا!
موت آهي مداري انهيءَ جي اڳيان،
ڪيون پاڻ ٿا روز پنهنجا تماشا.

پاڻ پنهنجي ضميرن کان لڪندا وتون،
پاڻ کان پاڻ روپوش رهندي سدا
پنهنجي صورت ڏسڻ لئہ بہ سڪندا وتون،

سوچ ساگر ۾ صدين جي ماٺار آ،
جيون جي جر تي ويو سينور ڄمي،
ڪنهن بہ طوفان جو ڪونہ آثار آ،

خيالن جي ڌرتيءَ ۾ ڪارو سهي
ڪو تہ ڪوهر ڦُٽي
ذهن جي هي زمين پل نہ زرخيز ٿئي
ڪو تہ توهر ڦٽي،
جيئڻ لاءِ جڳ ۾ ڪو جذبو تہ گهرجي.

آگريون مشعلون بنائي وٺو

دوستو!
پنهنجي ڪَرائيءَ ڏي ڏسو!
چون ٽيون پنهنجي هٿن جون واچون،
۽ پنهنجي آڱرين کي،
مشعلون بنائي وٺو.

راڄ ۾،
رات جو راڪاس ڏوڪي آيو آ،
شهر خاموش سُتل آهه،
ننڊ جاڳي پئي.
چؤطرف درد،
ڪڏيا گهُونچ ۽ سلا آهن،
۽ دل جي ٿوهرن،
پائي ڪنڊن جا تاج نوان،
نراسين جي،
اهڙي ڪئي آجيان!
جو خزائن به سِر نوائي ڇڏيا،
شڪستن جي ديوتا جي اڳيان.
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾،
موت جو حبشي،

ڪراهتن جي، تال تي جهومي،
نحوس، وحشتن جو رقص ڪري،
سچ جي سيني تي پيو مُڳ ڏري.
سونهن ڌرتي جي،
پيئي سام گهري.

چون ٿيون پنهنجي هٿن جون واچون،
تہ انهيءَ سونهن کي،
تا ابد زندگي بخشيون
اجهاڳ اکڙين جي گولن ۾
لڪائي ڌرتي جي گولي کي ڇڏيون.

انهيءَ ڪان اڳ،
جو وقت جو وحشي،
اسان جي زندگيءَ جي سرحد تي،
موت جي مَس سان،
لفظ "ختم" لکي،
اسانجي واچ جي،
ڪانٽن کي ڇڏي بيهاري،
دوستو!
پنهنجي ڪرائي ڏي ڏسو!
آڳريون، مشعلون بنائي وٺو.

لطيف سائين کان هڪ سوال

پڳو آءُ نہ چوان، ماريو تان وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڏکڙا، سيڪيندي سونهان
تان پڻ لڄ مران، جي ڪر هئنس پٺ ۾.
(لطيف)

محيم! منهن ۾ ڏکڙا، تون سيڪيندي سونهين،
پر تن ڪي ڪندين ڪيئن؟ جي پنهنجن هنيا پٺ ۾.

پنهنجي گهر جا ڪتا

پڇيو حيران ٿي مون هاريءَ کان،
ڪنهن تہ آرڻ * هي اجاڙيا آهن؟
چيائين ڏوه ناهي گدڙن جو،
پنهنجي گهر جا ڪُتا ياڙيا آهن.

* آرڻ= گدڙن ۽ هنداڻن جي واڙي.

روح جي دڳ ۾...

سرءُ جي رات جي ڪنهن آخري تاري وانگر
قتل "پراڻ" جي دريا جي ڪناري وانگر
اڻ سمجھ ٻار، اپاهج جي اشاري وانگر
تنهنجو آڪاش هو اٽپورو، اڌورو، اجڙيل،
رُڃن جي ماريل رولاڪ مسافر وانگر
وڇوڙي رات جي ويلا جيان وياڪل وياڪل.

ترڪ دنيا ٿيل، تنها، تنها،
جنهن جا ڳوڙها بہ هئا، بي مندي، بي جا، برڪا،
جنهن جا سپ خواب،
ڪير ٿر جي ڪُليل خاردار وادين ۾،
پره جي ويل ڪنهن پياسي پهاڙ جا پاڇا.

هر طرف هئا حيات جا،
هزارين واءُ، مينهن، واچوڙا،
پر سچ پڇين تہ او سجڻ سائين!
خيال خواب جي پر خوف خيابانن ۾،
ڪنهن خانہ بدوش جي
ڪُليل خيمي وانگر،

* پراڻ = سنڌونديءَ جو قديم وهڪرو

پيار تنهنجو پناه گاه رهيو
وڇوڙي ۾ به منهنجي واهه رهيو.
تنهنجو هر روپ، مون کي راز سَلي راهن جا
روح جي رڻ ۾ رهنماءُ رهيو.

ٽيڙو

ڇو ڳولين تقدير!؟
چاقو سان ڇهڪ ڏئي،
ناهي هٿ لڪير.

طبيب! ڪجهہ تہ تپاسي ڏس تون!

طبيب!
ڪجهہ تہ تپاسي ڏس تون،
ڇو ڀلا مانُ جي وحشت ۾
دل ٿي گهبرائي.
ڇو ڀلا ڦٽ نراسائي جو ڇڻي ئي نٿو،
سانت جي چئوطرف سرٽين
وبا آ ڦهلائي،
هي ڪهڙا درد، جن جو
سلسلو کُٽي ئي نٿو؟
ڇو ڀلا وقت جي منصور جي ڇپن تي وري،
ڪينسر مصلحتن جي ايري آ.
ڇون ٿا،
سچ جي گوري بہ ڏاڍي اُگري آ.

ڇو ڀلا؟
سانت جي هن شهر ۾ هلندي هلندي
منهنجي جذبن جو ساهہ گهٽجي ٿو،
منهنجي شعرن، منهنجي گيتن،
منهنجي سپنن جو ساهہ گهٽجي ٿو،
منهنجي نگري

۽ منهنجي ڌرتيءَ جي
ساهوارن جو ساهه گهٽجي ٿو.
طبيب ڪجهه ته ٻپاسي ڏس تون!

ٽيڙو

چوڏس چپ چپات،
ٻلبن مان ٿي اونده ٽمڪي،
اهڙي ڪاري رات!

اڌورا ۽ اڻپورا گيت

جيسين منهنجي ڌرتيءَ تي ٿو رقص ڪري راڪاس،
جيسين انسانن جي اڳ تي ماسو ناهي ماس،
جيسين دهشت ۽ وحشت جو وستيءَ ۾ آ واس،
جيسين جڳ ۾ جاري آهي رت وهائڻ ريت،
تيسين اڌورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت.

جيسين هينئڙي هول ٻه آهي، جيسين ٻاڙو ٻول،
جيسين ڪاچ ۽ ڪنڪر وڪبا، موتي هيرن مول،
جيسين هر ڪنهن پير ۾ ٻيڙي، جيسين هٿ ڪڙول،
جيسين جذبن ۽ رشتن جي جڳ ۾ ناهي جيت،
تيسين اڌورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت.

جيسين سچ تي سئو سئو ڦٽڪا، پيار آ جيسين پاپ،
جيسين ڪنهن سجني جو ساجن سان نہ ٿيو ميلاپ،
جيسين پنهنجي راڄ مٿان ٿي راڄ ڪري چُپ چاپ،
جيسين مات ۾ رهندا، منهنجا مارو، منهنجا ميت،
تيسين اڌورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت.

آخر ڪائي ڳالهه ته هئي

توسان نينهن نئون ڪو ناهي،
توسان صدين کان آ سنگ،
منهنجي پيار جي پاڇولن ۾،
تنهنجو روپ ۽ تنهنجو رنگ.

منهنجي هر هڪ گيت ۾ گجري!
تنهنجو چندن چاهه،
منهنجون ڪويتائون ڪاڳر گل،
تن ۾ پريئي هڳاءُ.

منهنجا سپنا سڀ هئا سڪنا،
جن ۾ ڪو به نه واس،
توئي ڪٿوري خواب ۾ اوتي،
عشق ڏئي الماس.

جنم جنم کان جيءَ ۾ هُئي،
جڻ پاپيهي جي پياس،
تنهنجي سونهن جي ساگر سان سڀ،
اجري پيا احساس.

مڌ ڪنوريون تنهنجون مُرڪون،
چپ ٻه تنهنجا چاش،
آخرڪائي ڳالهه تہ هُئي،
جو پاڳل ٿيو آڪاش.

ٽيڙو

سارو پنهنجو سات،
اهڙي ڪيپ خماريو،
موکي ڪي آمات.

سورج جي ڏند ڪٿا

اسان ته قصن ۾ ئي ٻڌو آ،
يا ڏند ڪٿائن جو ڪوڙ آهي،
ته هتان گهڻو ڏور ولايتن ۾،
پکين، پرين ۽ پوپٽن جي،
گلن ۽ تاندائن جي نگر ۾،
ستن رنگن جو ڪو شاهزادو،
رنگ ۽ روپ جي رٿ تي ويهي،
اچي ٿو اوپر جي ماترين مان،
گلن جو داتا، پرين جو نيتا،

ها! ستن رنگن جو ڪو شاهزادو،
سنهري هيرن جو تاج پائي،
صبح جي ٿڌڙي هوا سان مشڪي،
سورج مُکيءَ سان اکيون ملائي،
سرنهن ڦلن کي ڳلي سان لائي،
سنهري ڪرڻن جي اندلٺ سان،
اُتي جي ڌرتيءَ کي جڳمڳائي،

وشال آڪاش جي سلسلن ۾،
۽ ڇهچ زيتون جي پنن ۾،

ڪبوترن جي ڪليل ڪنين ۾،
فهم فڪر جون تو ڏي پروليون،
پري ڏئي تو ڀنڀورين کي،
دَيا سان دامن، حيا سان جهوليون،

۽ شام جو پتڪڙن پوپٽن کي،
حسين رابيل جي گلن کي،
شرير ۽ ريشمي بادلن کي،
شفق ۽ سپنن جي نرم هنج ۾،
سمهاري سندر سٽائي لوليون،
اچو ڪهاڻيءَ جو انت ڳوليون!

پر اسان ته سورج ڏٺو ئي ناهي!!
هتي سدا رات جو راڄ آهي،
هتي ته هرهڪ سورج مکيءَ جو،
سدائين گردن جهڪيل ئي آهي،
اسان جي نگريءَ جي پوَپٽن جو،
حسين رابيل جي گلن جو،
شرير ۽ ريشمي بادلن جو،
پَرين جي پازيب جي سُرن جو،
ڪبوترن جي ڪُليل ڪنين جو،
ڀنڀوري، ڀنئورن ۽ بلبلن جو،
شفق ۽ سپنن جو ساهه سائين!
ڪنهن دؤس ۽ ديو جي مٺ ۾ آهي،
ستن رنگن جو هي شاهزادو،
رڳو ڪهاڻين جو ڪوڙ آهي!؟

رڳو ٿر جي صحرا تي...

ميون ٿا،
اسان جون زبانون ٻه پاڙان پٽائي سگهو ٿا،
اسان جا سيني،
درد، ورلاپ سڏڪا،
گفتا ۽ ڳالهيون،
رکي وات تي هٿ، دٻائي سگهو ٿا.

ميون ٿا، او ماري!
ڪارونجهر مٿان جي
ڪئي ڪُٽڪ ڪونجن،
انهن جا پڙاڏا ۽ ڪٽڪات ڪوڪون،
رڳو ٿر جي صحرا ۾
ٿورو ٻه گونجن،
ها! ميون ٿا،
ٻچي باز بحري انهن تي،
انهن جو ٻه پڪ پڪ پٽائي سگهو ٿا.

مگر منهنجا سائين!
ڀلا تن جي گونجن کي گهائي سگهو ٿا؟
لڳايو ڀلي،
جي پڙاڏن تي پهرا لڳائي سگهو ٿا.

تلاشي

تون
ڪنهن جي، ڪنهن جي،
تلاشي وٺي سگھندين ڪانئر!
هليا مان توکي ٻڌايان،
تہ هنن وٽ ڇا آهي،
ڏسي سگھين تہ ڀلي ڏس
انهن جي اکين ۾،
انهن ۾ آگ لڪيل آهي
انتقامن جي،
منهنجي معصوم درد مند ديس واسين تي،
تنهنجي بي رحم تشدد جي،
قيد ڪوڙن جي،
قدم قدم تي ڪيل قهر ۽ قتلامن جي.
هليا مان تو کي سڻايان
تہ هنن وٽ ڇاهي،
هي جيڪي ڏيل ڏسين پيو تون ڏہرا ڏہرا،
سو تہ بارود جو ڀنيٽ
بدن بدن آهي،
ماٺهوءَ ماٺهوءَ جي من ۾

مشين گن آهي،
هي جيڪي اجرڪن جا ڏسين پيو پٽڪا
سُرخ سانگين جي سِرن تي بدل ڪفن آهي.
هليا مان تو ڪي سڻايان،
تہ هنن جي من ۾
ڪهڙي خواهش ۽ ڪهڙو خواب آهي،
اهو تہ آهي رڳو آهي انقلاب آهي.

منهنجي نگريءَ جي نينگرين کي چئو!

منهنجي نگريءَ جي نينگرين کي چئو!
نٿن تي متان هيريو پنهنجي نڪن.
سا ته ڪاٽياري تي ڪوئبي ڪڙم ۾،
جيڪا بخمل سان پنيلائي پنهنجو بدن،
ڪانڌ جن جا ڪسابن کان قيدي هجن،
سي نڪو سينڌ، سرمو ۽ سينگار ڪن.

متان ڪا، مليران مياري ٿئي!
متان ڪا هٿي هاڻ ميندي هٿن،
ڏسو ڪين ٿيون؟
مُٺ پنهنجي منجهان،
ڪرڪ واري جيان،
هي وڃي پيو وطن.

وڳهه جون وارثو!
وقت وحشي ڏسو،
ڪيئن نه زخمي ۽ مڇريل
ڪنهن چيتي جيان،

وڳهه ڪوٽ شهيد دودي سومري جي وقت ۾ سنڌ ۾ جي گاديءَ جو سنڌ

ڦٽ پنهنجا چٽي
پنهنجي تاريخ جون
عصمتون پيو لٽي.

ستارن جڙيل سرخ جوڙا
سيئي ڪرايو ڪفن،
جن جي سينن تي گولين جا
تمغا هجن،
جن جي ويرن جي پيرن هجن پيڪڙا
تن جي پيٽن ڪي بينسر نه ٻولا سونهن.
هاڻ پازيب پائڻ وڏو پاپ آ،
تيسين ڪنمال پائڻ ڪان ڪنجو قسم!
جيسين واري وٺون ڪين پنهنجو وطن،
جيسين واري وٺون ڪين پنهنجو وطن.

(نواب شاهه گرلز ميڊيڪل ڪاليج جي فنڪشن ۾ پڙهيل)

تاريخ جو ننڍڙو نقطو

اسين تاريخ جي غارن ۾ سُتل
قديم نسل جا وحشي آهيون؟
جن کي دربار جي اوبر تي پليل،
ڪو مؤرخ،
جڏهين بہ چاهي، تبرن جا طوق پائي ڇڏي!

ميون تا ماضي جي،
ڏيٺين ۾ گتل،
شڪست مات جي،
منحوس مقامن ۾ پيل،
قبر قبر تي لڳل،
پنهنجي پڇتاءُ جا پٿر آهيون.

يا پارڪر ۾ پره ويل،
پوڄا ڪان وانجهيل،
اُجاڙ گوڙي جا مندر آهيون.

مان ميجان ٿو!

وڏي واڪي ٿو ميڃان،
منهنجي تاريخ آ،
تاتارين جي گهوڙن جَي،
سوين سُنبن سان لتاڙيل،
شهيد يارن جي،
سنڌ جي سينڌ مان،
لُتجي ويئل ستارن جي،
انهي تاريخ جي هر صفحي منجهان،
مونکي گهوري ٿو ڪو "مرزا باقي"
اکر اکر ۾ ڏسان ٿو، اسانجي امڙين جي،
ڇيهون، ڇيهون ڪا اگهاڙي ڇاتي.

هر شڪل ۾ ڪو "نئون" شهسوار بيٺل آ،
لتيل عصمت جي هرهڪ لاش مٿان،
خوني چنبن سان ڪوئي خونخوار بيٺل آ.

انهيءَ تاريخ جي
جهروڪي مان ٿيون جهاتيون پائن،
ننگر ننڍي جون سڙيل بازارون،
سوين لُٽيل دڪان موتين جا،
ڊوڙ ۾ ڇُور چوڙيون ۽،
باه ۾ پاند سڙيل پوتين جا.

قدم قدم تي ڪارا لاش ڪتبخانن جا،
جڳهه، جڳهه تي جنازا، قرآن، پوتين جا،
آ هر هڪ تڙ مٿي، ترخان تازياني سان،
۽ ڏنيل ڏيل ٿا ڏسجن، اسانجي ڏوٿين جا،
انهيءَ تاريخ جي هر شام!

آهي شام شهر ديبل جي،
گهٽيءَ گهٽي مان اچي بوءِ سڙيل لاشن مان،
خون ڳاڙهن ڳجھن جا ڦوهارا،
جنگي گهوڙن جي زخمي ناسن مان،
اُنهن جون هانءُ ڦاڙ هٽڪارون،
پٽڪڙن ٻارڙن جون،
ٻاجھ لاءِ ٻاڪارون،
اُگهاڙي سر اسانجي عورتن جون اوڇنگارون،
۽ هو گهوڙن جي رڪيبن سان ٻڌل،
منهنجي ڌرتيءَ جون نينگريون آهن،
ڪئين نہ ڦٿڪن ۽ گهلجن پيئيون،
جڻ تہ ڪُنڍيءَ ۾ پوپريون آهن.

ڏُور ان شام، اڪيلو ڏاهر،
سمورو ڏيل آ، ڏارون، ڏارون.
آ زخم زخم بدن، ۽ سامهون،
لهو پياڪ لغورن جون وحشي للڪارون،
هيڪلو تن، هزارين تلوارون.

اهڙين وهِ پياڪ وَيرن ۾،
ڏسان ٿو جڻ، تہ ڪو زخمي چيتو،
وحشي بگهڙن جي خوني گهيرن ۾،
پسان ٿو پڳ سندس،
هاٿين جي پيرن ۾،
جڻ تہ الماس رولجي پيو ڪو،
پنهنجي تاريخ جي انڌيرن ۾.

مان ميجان ٿو، انهيءَ تاريخ جي،
هر رات رويا ماڙيءَ ۾،
وطن فروش، چغلخور، چنيسر جون سوين،
ٺهڪ، چٽرون ۽ ٽوڪرون آهن.
شهيد دودي جي شهزور شهپرن تي لڱل،
خسيس خلجي جي بوٽن جون ٽوڪرون آهن،
ڪروڙ مان آ ڪَشُيل،
ڳاٽ اُوچو قاتل جو،
جنهن ڪان ڪنهن انتقام جي خاطر،
وِڳهه جي ڪوٽ جي ويران ڪندرن ۾ اجان،
روز پنڪي ٿو روح ٻاگهل جو.

اها تاريخ پنهنجي سيني ۾،
ذلتن، ظلم جي زهر ۾ ٻڏل،
هزارين برڇيون پالا آهن.
انهيءَ تاريخ جي،
هر ورق، ورق تي وڪريل،
سوين بغداد جا چڪلا آهن.
جتي نيلامي ڪئي ويئي،
اسان جي پيٽن جي،
جنهن جي هر لفظ ۾ حوص تي نچي،
قاتلن، ڪسبين، ڪميٽن جي.

انهيءَ تاريخ جي هر سِٽ سِٽ منجهه چٽيل،
هر نئين شڪل مونکي شرمايو.
مان اهو سچ پي سهي ويندس:
دلهه، دودو هجي، هيمون هجي يا ڪو هوشو،
منهنجي تاريخ جي هر هيري آهي هارايو.

مگر دربار جي اوبر تي پليل او مؤرخ!
هليا مان توکي ٻڌايان، اهو ننڍڙو نقطو،
متان رهجي ڪتي، اڻجاڻ وڃين!
هزار ڀيرا وڙهياسين، ڀلي ماريا وياسين،
مگر ٻڌاءِ ڪڏهين آ، اسان ڪا "آڻ مڃي"!؟؟

راهوءَ جو رت ريٽو

نگريءَ ۾ نيت پنهنجي،
نئين سر نياءُ ٽيندو.
هر خون ڪتوريءَ جو،
هڪ ڏينهن هڃاءُ ٽيندو.

راهوءَ جو رت ريٽو،
جو آ احيا نہ ميٽيو،
جنهن کي اسين رکون پيا،
سيني اندر سميٽيو،
هڪ ڏينهن اپامي ابري،
گرجي گواهہ ٽيندو.
نگريءَ ۾ نيت پنهنجي،
نئين سِر نياءُ ٽيندو.

مُرڪون نہ تنهنجون مرنديون،
۽ وَير تنهنجا ورندا،
فاضل جي رت ڦڙي مان،
فاضل لکين نِسرندا،
هي قافلا بہ هلندا،
مارڳ مباهہ ٽيندو.

نگريءَ ۾ نيٺ پنهنجي،
نئين سِر نياءُ ٿيندو.

راتين جو رهزنين سان،
جي گهوٽ گهر کان گُم ٿيا،
شاهي قلعن جي پويان،
جي بيوطن دفن ٿيا،
"آڪاش" تن جو اُڌمو،
آتـــش اُلاءُ ٿيـنـدو.

نگريءَ ۾ نيٺ پنهنجي،
نئين سِر نياءُ ٿيندو.
هر خون ڪٺوريءَ جو،
هڪ ڏينهن هڳاءُ ٿيندو.

آگسٽ 1983ع

اوهان نہ چاهيو گهٽو،
نہ اوهانجي حُڪم سِوا،
ڪائنات ۾ ڪو ڪک پن نہ ڇُري
سج ساڪت ٿي رهي،
چنڊ جو بدن نہ ڇري،
ڪوبہ تيڙو،
ڪٿي ٽم ٽم نہ ڪري،
اوهان جي حڪم سوا.

اوهان جي حڪم سوا
پکي بہ پر نہ هٽي،
شهر سُتل ٿي رهن،
گهر هجي گونگن تي،
مَتان ڪو گيرو ڳاٽ اوچو ڪٽي،
اوهان جي حڪم سِوا.

اوهان نہ چاهيو گهٽو،
متان هوا جو ڪو ڪومل جُهوٽو،

قيدخانن جي ڪوٺڙين ۾
بغاوت نه پري.
اوهان جو حُڪم آ،
ڪنهن جي من ۾،
متان ڪو خواب يا سپنو اچي سرگوشي ڪري،
نتا چاهيو! هتي ڪا هير گهلي،
باک جي نرم بدن تي
ڪري ڪا ڪتڪائي،
آسمان تي اوهان جهڙي،
هجي اوندهه چانيل،
ڪٿان اُڀري نه ڪڪر سُرمائي.

اوهان ته چاهيو ٿا!
آڪاش ساڻ اک پڇي،
متان ڪينجهر جو ڪو ڪنول نه کِليَ،
جيڪر اوهان جو حڪم هلي.

اوهانکي ڪير ٻڌائي،
هي راز ڪير سَلي،
اوهين چمڙن جي تخم جو،
نئون نيپاڄ آهيو!
اوهان ڏسو نه ڏسو،
سچ نڪرندا رهندا،
اوهان ته موت جي،
غليظ گهٽين جا ڪِنا ڪُتا آهيو!

اوهان جو ڪم آ ٻهڻ *
۽ اوهان ٻهندا رهندا،
اوهان جي حڪم عدولين جا سو اعلان ڪٿي،
حيات جا هزارين قافلا هلندا رهندا،
هلندا رهندا، هلندا رهندا.
اوهان جي حُڪم سوا.

---

* ٻهڻ= پونڪڻ

دوهو

ڳجهن جا ڳوٺ مٿان جيڪي ڏسو ٿا ڳاهٺ
اهائي آهي وڏي، انقلاب جي آهٺ

تو سان نہ ملان ها!

پل ساري ڪائنات جو، محوُر هجان ها مان،
تو سان نہ ملان ها، تہ گداگر هجان ها مان.

سوچن جي مٿان سونهن جو، سانوڻ نہ وسي ها!
ٻرجي اجاڙ ٿاڪ جو، ٿوهر هجان ها مان.

ڪنهن پيار جي پارس ڇُهي، ڪنچن ڪري ڇڏيو،
ورنہ ڪنهن رجي راہ جو پٿر هجان ها مان.

ڪا شڪل ڏسي عقل پيو، سجدي سجُود ٿيو،
نہ تہ اڄ ڏنل خدا سندو منڪر هجان ها مان.

ڪنهن روپ ڪئي روح ۾ ريشم رفوگري،
نہ تہ شام ويل مڪلي جو منظر هجان ها مان.

مان هليو چو ويس؟

تون پڇين ٿو پرين!
مان هليو ڇو ويس؟

جڏهين شام جو جام،
خالي نہ هو،
رات رم جهم هُئي،
تنهنجي ساهن جي،
جهيڻن سُرن سان سُتل،
منهنجي بستر تي،
مُنڪر ڪا موسم هئي.

تنهنجي ڪجلين اکين جي،
ڪنارن مٿي،
منهنجي چپڙن جي ٻيڙي،
لڳي ئي لڳي،
ها! انهيءَ ڪان اڳي،
مان هليو ڇو ويس؟

سچ پڇين او پرين!
دل بہ چاهيو گهڻو،

ڪا گهڙي تنهنجي؛
وارن جي ڪارين گهٽائن منجهان،
واس وٺندو رهان!
ٻن گهڙين لئہ سهي،
تنهنجي آغوش جي سانوري شام ۾،
ڪنهن روپوش پياسي مسافر جيان،
مان پناهون وٺان،
ڪن پل ئي سهي،
تڪ تورو پيچان.

دل تہ چاهيو گهڻو،
تنهنجي نيڻن جون،
نرمل هي چانڊوڪيون،
سدا مست نيندون نياپا ڪٽي،
روح جي رڻ مٿان،
ائين رقصان رهن.

دل تہ چاهيو گهڻو،
تنهنجي ٻانهن جون ڪچڙيون،
۽ ڪومل وليون،
سونهن سرهاڻ جا،
سؤ سنديسا ڪٽي،
منهنجي تن تي سدا،
ائين وڪريل رهن.

ها مگر ڇا ڪريون
تنهنجي ڪاڪل* جي قيدي،

---

* ڪاڪل = زلف

SOORIH SINDHI ADAB

ٽيڙ ڪان اڳي،
قيد خانن ۾ ڪائي ڪشش هئي پرين!
جيڪا وئي چڪي.

دل تہ ماڻن گهريون،
تنهنجون سڀ دلبريون،
ها مگر ڇا ڪريون
دار جي درد ڪي،
پنهنجي لذت هئي،
جيڪا وئي چڪي.
تون پڇين ٿو پرين!
مان هليو ڇو ويس.

(نارا جيل 1982)

SOORIH SINDHI ADAB

منهنجو ڪتبو

ڏسين ٿو قبر تي ڪتبو ته آئون ڪير آهيان؟
مان پنهنجي سنڌ جي مٽيءَ جو ننڍڙو ڍير آهيان
مان دين ڌرم جي دوکن کان دور دور رهيس،
مان ماٿهيي جي منزلن ڏي ڪنيل، پير آهيان.

هي دنيا تہ دلربا هُئي پر
وحشي ٽولن جي ور چڙهي ويئي

هر اُها جنگ منهنجي جنگ نہ هئي
منهنجي نالي ۾ جا مَڙهي ويئي

منهنجي دنيا ڪي بنائي دوزخ
جَنت جي ڪَٿا گهڙي ويئي

رنگ، مذهب ۽ نسل جي نالي
ڪيڏي ديوار ڪئي ڪڙي ويئي

ڪيئن رهان جلاوطن

نئين شاعري

آڪاش انصاري

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوبار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

ڳوٺ جي خانداني وڏيري ڏانهن

اڄ هلي تا سنڌ ڪان شجرو پڇون،
خانداني تون يا مان!؟

منهنجا وڏا، پورهيت هئا،
ڪنڀر هئا، لوهار هئا،
هاري هئا، رازا هئا،
وادا هئا، جهونجهار هئا.

ڪلهه جڏهين هن ديس تي مانگر مڙيا،
منهنجا وڏا ڳڏجي وڙهيا.

ڪن ترارن کي وجي پاڻي ڏنا،
ڪن وجي پالا گهڙيا،
ڪِن ڪهاڙين کي تپيو،
ڪنهن رَنيءَ جي ڪوٽ کي،
پنهنجي لهوءَ سان پئي لپيو.

ڪنهن روپلي جو روپ ڌاري،
ڪنڌ ڪاتر ساڻ قاتل جو ڪپيو،
ڪنهن وري هوشو جيان،
داءُ هر دشمن سندو،
پنهنجي جوشن تي جهپيو.

تنهنجا وڏا پوتار هئا،
خان ۽ سردار هئا،
جن غاصبن جي ڳَرَ لڳُل
گهوڙن سنديون ميڙيون لِڌون،
خوش ٿي ڪلي،
تِن کي هنيا پئي ڪرڪرا
مَرڪندي تن جون ڪيون پئي مالشون،
ڪوڙ مان ڪيڏيون ڪيون پئي ڪُرنشون.

ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه دفعا
لانگ بوٽن کي لڪي
پنهنجي زبانن سان ڪيون پئي پالشون.

منهنجي وڏن کي ڏوهہ ۾ ٽُرم تعزيرون مليون
تنهنجي وڏن کي ڏوهہ ۾ جس ناما، جاگيرون مليون
جنهن ڪري اڄ تون وڏيرو خان ٿو سڏجين ميان!
اڄ هلي ٿا سنڌ کان شجرو پُڇون خانداني تون يا مان؟

اڄ بہ پوڙهو پيءُ منهنجو،
هر ۾ هڪڙي هٿ سان،
ڌرتيءَ جو سينو ٿو سهڪائي سگهي!

اڄ بہ لوهر ياءُ منهنجو،
لوهہ سان،
ٿو لوهہ جي لهجي ۾ ڳالهائي سگهي.

اڄ بہ منڙي ماءُ منهنجي،
هڪ رليءَ جي پُڙ مٿي،
سارو ستارن سان جَڙيل،
ٿي آسمان لاهي سگهي.

ڳوٺ ۾ اڄ پڻ هُلن ٿيون ڳالهيون!!
تنهنجي ابي، شادي سوا:
ست ست سُريتون پاليون!!
تون الئہ ڪهڙيءَ منجهان
اڄ هلي ٿا سنڌ کان شجرو پڇون!
خانداني تون يا مان؟

لوڪ لاشن تي اچي....

لوڪ لاشن تي اچي، درد پنهنجا ڏوئن ٿا،
پٿر پرائي اچي، سور پنهنجا روئن ٿا.

جنين ڪي عشق اگهاڙپ جو پوش پارايو،
لباس منجهه لڪيل لعنتن ڪي لوئن ٿا.

جنين ڪي عشق جي عزت ۽ آبرو آ، اُهي
ملامتن جا بار، بار بار ڍوئن ٿا.

آڳ لڳل آهي

مون سَمجهيو بس منهنجي گهر ۾ آڳ لڳل آهي،
نِڪري جا چيم ساري شهر ۾ آڳ لڳل آهي.

مون سمجهيو تہ عبادت گاهون آجيون آڳ کان هونديون،
پر هر مسجد، هر مندر ۾ آڳ لڳل آهي.

اُيي آگر توهر جي جڻ اپ مٿي الزام،
تر جي هر ڪنهن توهر ۾ آڳ لڳل آهي.

ولهہ جي ويل ۽ اجرڪ اوڍيل، سجڻ سجاول ۾،
ماڻهن سچ چيو ماجر ۾، آڳ لڳل آهي.

برف مريءَ جي، ياد تنڌيءَ ۾، ڪوسا لڙڪ لڙيا!
شايد برف جي اندر ۾، آڳ لڳل آهي.

لهر، لهر لُڇندي پُڇندي تِي ساحل سان سَنجي،
سَڪي ڪا تہ سمندر ۾، آڳ لڳل آهي.

بيراڳي ٿي بيهي....

ڪيڙن جيئن ڪيئن پيا جيئن،
جوڏن جيئن ڪو جيئي!
ترتي تاڌل تيئي.
قوم ڪهائڻ خاطر ڪيئي،
پاڙ تي بيٺا آهن!
پر ايجنسين جي اک جو ڪنڊو،
ڪوئي ڪوئي ٿيئي،
جڳ جڳاندر جيئي.
جهانگين سان جنڊڙو جوڙي،
هر رهزن سان رشتو ٽوڙي،
پنهنجي پون بچائڻ خاطر،
بيراڳي ٿي بيهي،
پنهنجن سان رب پيئي!

موت جو موضوع

هُن سندس حال ۽ حياتي جون،
ڪيتريون قيمتي، رنگين راتيون:
’موت موضوع‘ جهڙي مارِيءَ هٿان
مَٿاڪُٽ ڪري مارائي ڇڏيون
۽ انهي بحث ۾ ڪَٽيل بازيون،
موت آيو نہ؛
هڪڙي منٽ ۾ هارائي ڇڏيون.

مئہ ڪشي ڪان ڪري ڪناره ڪشي

توکي ڪوشش ڪري وساريون پيا،
پنهنجي پاڇي کي جڙ تہ ماريون پيا.

لڳون ٿا لوڪ کي لڪل مجرم،
ايڏو گمنام ٿي گذاريون پيا.

مئہ ڪشي ڪان ڪري ڪناره ڪشي،
عادتون پنهنجون هاڻ ڪاريون پيا.

توکي کهڙي خبر تہ توکان سوا،
ڪيئن گذري ٿي، ڪيئن گهاريون ٿا.

ڪيتري وقت ۾ وسري ويندين،
اهو حساب روز ساريون پيا.

خودڪشي ڪئي سين

تَرڪ مئہ ڪشي ڪئي سين،
ڇڻ تہ خودڪشي ڪئي سين،

زندگيءَ کي سمجهڻ لئہ،
وقف زندگي ڪئي سين.

هن چيو تہ پيار آهين؛
ايڏي سادگي ڪئي سين.

رنگ هٿي وارن ۾،
عُمر سان ٺڳي ڪئي سين،

لڙڪ ٿي ڪِري پياسين،
ايتري خوشي ڪئي سين.

هن چيو تہ ڏسنداسين!
پاڻ خودڪشي ڪئي سين.

خواب ڏسان ٿو....

منهنجي ملڪ جي هرڪا ڪورٽ،
چڻ ڪڪڙيءَ جو کوڏو آهي.

هر قانون آ ڪوڙو بادشاهه،
جنهنجو سڪو کوٽو آهي،

جج ڀ چڻ جهوني ڪسبياڻي
جنهن جي هٿ ۾ ساهمي بدران
سوپاري ۽ سَروتو آهي.

جيڪو هر جرنيل جي سامهون
سارا ڪپڙا لاهي ٿو

پنهنجي پٽ تي 'پي سي او' (1) جي
پهرين مهر لڳائي ٿو.

نياءُ کي نچڻي نينگر وانگر،
نوٽن تي نچرائي ٿو

دستور، دليل ۽ منطق جي،
هو عصمت دري ڪرائي ٿو.

نظريئي ضرورت خاطر،
نت نئين ٿوڙائي ٿو

۽ بي شرميءَ سان بازاري،
جسٽس پي سڏرائي ٿو.

جنهن قد، قلم جي آڏو،
ڇُوتر ڪان پي ڇوٽو آهي،

منهنجي ملڪ جي هرڪا ڪورٽ،
چڻ ڪچريءَ جو ڪونو آهي.

1. پي سي او= پاڪستان ڪانسٽي ٽيوشنل آرڊيننس.

ڪراڙو ڪنير ڪاڇي جو

ڪراڙو ڪنير ڪاڇي جو.
خالي پيٽ، خيالن ۾ گم سوچي پيو!

"ڏاڍو ڏيهه ڏڪار ڏنو آ."
ڳاج ڇڏي ڳجگوڙ وساري
ميٺوڙي ڳهڳهي جوهيءَ جي،
سارو ڏينهن ٿي پاٽي ساري.

هيل تہ ڪاڇو، ڪاڇو ناهي،
ڇڻ ڪو موت جو پاڇو آهي.

پوءِ هوريان هوريان چڪ هلائي،
مٿيءَ مان ٿو ماٿي ناهي.
ناهي، ڏاهي، پيهر ناهي،
ڇڻ هو بُک پيو وندرائي.
پنهنجو پاڻ سان ٿو ڳالهائي
ڪاش! مٿيءَ مان ماٿي بدران
ماني نهي سگهي ها!
ڪيڏي بک لهي ها!
ڪيڏي بک لهي ها.
ڪراڙو ڪنير ڪاڇي جو
خالي پيٽ، خيالن ۾ گم سوچي ٿو.

اسان پين کان ٻڌو آ...

خبر نہ آهي،
ڪهڙي سامريءَ(1) جي سازش آ!
پاڻ پنڌ پهڻ ٿي پيا آهيون.

پنهنجي لُٽجڻ سندو، احساس
پڻ لُٽجي ويو آ
اسان پين کان ٻڌون ٿا
تہ لٽيا ويا آهيون.

ڪين جي ٽر مٿي، اهڙو ڏڪر ڇانيل آ،
جو ڪوئي لڙڪ لڏي، سا بہ وڏي ڳالهہ آهي
ڪو بہ نعرو، نڪو ماتم، نڪو ملال آهي
رڳو سٽڪو بہ سٽڻ لاءِ، سڪي ويا آهيون.

ڪنهن چيڪ پوسٽ تي،
بندوق جي بل بوتي تي،
ذليل ٿيندي ٿا مارُن کي ڏسون،
يا ٽر جي ٽاڪ ۾ ڌارين جي هٿان،
ڌوڙ ٿيندي ٿا ڌنارن کي ڏسون.
تہ ماٺ ميٺ ۾ ۽ ڪنڌ ڦِيري،
اٿين خاموش ٿي لنگهيا آهيون،
ڇڻ تہ اُهي ٻيا ڪي هُجن:
۽ اسين ڪي ٻيا آهيون
خبر نہ آهي ڪهڙي سامري جي سازش آ،
پاڻ پنڌ پهڻ ٿي پيا آهيون....

1. سامري: لوڪ قصن وارو سامري جادوگر جيڪو ماڻهوءَ کي پنڌ پهڻ ڪري ڇڏيندو هو.

زي ٿي وي ڏي جاچ!
اگهاڙي اندبيا کي،
پانهن ۾ ٻڌل واچ.

ڪنهن جاهل کي عالم تو چوين!
چڙ پاڳل کي سالم تو چوين!
چڙ ظالم کي مظلوم چوين!
مظلوم کي چڙ ظالم تو چوين.

منڙو تو ريءَ

منڙو تو ريءَ، موڳو موڳو،
ناهي جيئڻ جوڳو–

هيڪلي هنج پکيءَ جيئن هينئڙو،
ڪونه ڇُٽي ٿو ڇوڳو،
منڙو توري موڳو موڳو

سِڪ سلامت، باقي دنيا،
آ ڦُلهيار جو ڦوڳو،
منڙو توريءَ موڳو موڳو.

ڪالهه هُيو، سو هاڻ ڪٿي آ،
هي آڪاش اڄوڪو
منڙو توري موڳو موڳو.

حيرت ناهي

هُو واڪ وڏي تي وڪجي ويا
ڪا حيرت ناهي.

هو هلندي هلندي رڪجي ويا
ڪا حيرت ناهي.

هو ٽڪجي پيا يا ٽڪجي ويا
حيرت ناهي.

پاڻ ڪي آ ويساهه،
وطن جي وانگين ۾.
وانگي، جيڪي وڪيا ناهن.
جهانگي جيڪي جهُڪيا ناهن.
ٿوهر ٿوهر راهن تي پي ٽڪيا ناهن
جن وٽ ڊپ ۽ سازش ڪائي مصلحت ناهي.
سو مون کي ڪا حيرت ناهي.
مون کي آ، تاريخ سٺايو صدين کان
ليڊر ڪجهه ويڪائو هوندا
قوم سڄي بي غيرت ناهي.
مون کي ڪائي حيرت ناهي.

پاڳل خانو

هو بستر تي،
بيمار سمهڻ ٿو چاهي.

لالٽين جي لوَ جهَڪي تي
بار پڙهڻ ٿو چاهي.

هو شاعر پڻ ڪجهه سَرجي پيو،
اشعار لکڻ ٿو چاهي.

هو زاهد پنهنجي رب اڳيان
اظهار ڪرڻ ٿو چاهي.

ڪو ڪيئن سمهي؟
ڪو ڪيئن پڙهي؟
ڪو ڪيئن لکي؟
ڪو پنهنجي پالڻهار اڳيان،
دل جو ڏُکڙو ڪيئن رکي؟

هڪ ڪُتن جي باهوڙ متل آ شهر اندر.
ٻي مُلئين جي گجگوڙ متل آ شهر اندر.

هي ملڪ آهي!
يا پاڳل خانو آهي پهرئين نمبر جو؟
ڪير گذاري سگهندو ههڙي ڦهر اندر.

رهاڻيون رنگ وسري ويا....

رُتي راڻي اديون مون ڪان رهاڻيون رنگ وسري ويا،
ڪِلي خوش ٿي هلان ڪهڙو؟ ڪِلڻ جا ڍنگ وسري ويا.

اتيا بادل پِٽن پاسي، پئي ڪِيڪار ڪنوڻين ۾،
هتي آگم اپاري غم، ڪئي انڌڪار اکڙين ۾،
وچون وڍ وڏا اهڙا، جو سب سارنگ وسري ويا.

اڪيلي هنج جيئن هينئڙو، نٿو سرچي سو سانيئڙو،
لڳي هر رات رڻ جهڙي، لڳي ڏونگر توهر ڏينهڙو،
لڦون پيرن، لهو اکڙين، انگل اڙٻنگ وسري ويا.

هوا، خوشبو ۽ بادل جو، نڪي ماڻهو، نڪي ماپو،
ڏکي آڪاش جي دل جو نڪي ماڻهو، نڪي ماپو،
سُڪن سرحد رکي حد ۾، ڏکن ڪان دنگ وسري ويا.

ديوتا - خدا

اياز! جڏهين
تخليق جو خُدا تون هُئين:
تہ تنهنجي شاعري جي بت سامهون،
سموري سنڌ پئي سجدي ۾ ڪِري.
تون بہ جڻ ديوتا، خدا ٿِي لڳين.

پر تنهنجي شاعري جي سرسوتي
جڏهين پاڻ ئي سجدي ۾ ڪري
تہ توکي ڪيئن ٻڌايون؟ اياز!
ڇا تو لڳين؟

جماعتي لڏي پاران ڪرايل شيخ اياز جي ڪتاب "شاعري جو سجدو" جي مهورت واري رپورٽ پڙهڻ مهل لکيل.

ڪڏهين پڇن ها ڪٿي!

ڪڏهين پڇن ها ڪٿي، ”توسان مسئلو ڇاهي؟“
اهو پڇن ها تہ پوءِ، ڪهڙو مسئلو آهي.

معاملو دل جو، دل تي سمجهي،
اهوئي دل جو معاملو آهي.

هي تہ ديوار، دَرَ، دريون آهن
گهر ڪنهن بہ چيز جو نالو آهي.

ڪنهن صحيفي ڪي مان پڙهان ڇالئہ؟
ڪوڙ هي ”شاهہ جو رسالو“ آهي

اوترو ئي اهو ماٺهو آ ننڍو،
جنهن جو جيڏو وڏو بنگلو آهي.

ايڏو ڪمزور مان ٿيو ناهيان

مان نہ سُني، نڪو شيعو آهيان.
شڪر آ جهاجهہ ۾ بيو ناهيان.

جٽ ملان پنيان، مٿو ٽيڪيان!
ايڏو ڪمزور مان ٿيو ناهيان.

منهنجو هر گيت گولي جهڙو آ،
ڪو اشارو يا ڪو ليئو ناهيان.

جتي آ ماڻهپو، مذهب ڪان مٿي،
مان انهيءَ ڏيهہ جو ڏيئو آهيان.

اصفهان- ايران 1999ع

هي جواني پير آ....

هيءَ جواني پير آ، چاڙهي ونو!
زندگي آ مختصر، ماڻي ونو!

جي اڪيلو پي، ڪڏهين پيٺو پوي،
ياد يارن جي ڪٿان آڻي ونو!

نيڻ پنهنجا، نيهن جي چاڙهي ڪري،
خاڪ پرين پير جي چاڙهي ونو.

گُل ٽيندي پوءِ ڇڻي ويندي اُها،
هوءَ ڪلي آهي، پٽي هاڻي ونو.

محفلن مان موڪلائي ويو مزو،
اڄ ڪٿان آڪاش ڪي آڻي ونو.

هانگ ڪانگ، مئي-1998ع

هيءَ دنيا تہ دلربا هئي پر

هي دنيا تہ دلربا هُئي پر!
وحشي ٿولن جي ور، چڙ[illegible] ويئي.

هر اُها جنگ، منهنجي جنگ نہ هئي
منهنجي نالي ۾ جا مڙهي ويئي.

پنهنجي ڌرتي ڪي بڻائي دوزخ،
جنت جي ڪٿا گهڙي ويئي،

رنگ، ڌرمن ۽ وطن جي نالي،
ڪيڏي ديوار ڪئي ڪڙي ويئي.

لفظ پوءِ لوڻ جون لپون آهن،
سوچ مان سونهن جي سڙي ويئي.

وقت جي ڇيھ ۾

وقت جي ڇيھ ۾، زندگيءَ جو چلو،
پيو ٺئي گهر گهلو، يار جلدي ملو!
يار جلدي ملو.

جيءُ جبروت جنمن کان ويران آ،
ساھ ساميئڙو مريئي مهمان آ،
ترسندو ڪيستائين پلا قافلو،
يار جلدي ملو.

توسان چاهت ۽ چرپر به گهٽبا وڃن،
دل جا آرا ۽ ارپڻ به گهٽبا وڃن،
وڇوڙن ۾ ناهي رهيو ولولو.
يار جلدي ملو!

تنهنجي آڪاش سان، ورهيه ورچيو وڃي،
۽ ڪڏهين پَل اندر، پاڻ پرچيو وڃي،
دل هي سمجهي نٿي، درد آ دادلو.
يار جلدي ملو.
يار جلدي ملو!

ڇھري ڇھري تي لکيل آهي فسانو فرد جو

دؤر پنهنجي واري دنيا،
يا تہ جڻ ڪو ڄار هئي.
يا تہ نندڙو ٻار هئي.
جنهن جي ڪيسي ۾ پيل،
خوشين جا ڪٽمنڙا هيا،
جي ٻہ، رستي ۾ ڪسي ويو، ڪو ڪٽي.

باقي جڻ ساري حياتي،
دائرو آ درد جو.
جنهن ۾ ماڻهو
موت جي کوھ جي مداريءَ جيئن
مسلسل پيو ڦري،
ڇھري ڇھري تي لکيل،
آهي فسانو فرد جو.
وقت جڻ وحشي ڪو واڇوڙو هيو.
غم جو ۽ گرد جو.
سو هيءَ دنيا:
پنهنجي ڪم جي ڪين آ-
هي بسيرو آهي بس!
بي حِس جو، بي درد جو.
سو زندگي!
توسان گذاريوسين ائين:
جيئن نڪاح زوري ڪجي نامرد جو.

او جنرل!

او جنرل!
او جنرل!
اڄوڪو سمورو ڏينهن
تو نقشا ڏسندي ۽
سازشون گهڙي گذاري ڇڏيو.

ڪاش اهو وقت،
ڪنهن ٻار سان؛
ڳالهيون ڪندي گذارين ها!
پنهنجي پستول کي پاسي تي رکي،
گلن کي لان ۾ وهنجارين ها!
تہ اڄوڪي ڏينهن کي،
تون فتح ڪرين ها!
ائين نہ هارين ها!

آئينا اِن لاءِ ايجاد ٿيا

آئينا
اِن لاءِ ايجاد ٿيا،
تہ هن کي ڏسندا رهن.

گلن تان ماڪ،
اِن ڪري موتي،
تہ هن جا هٿ نہ ٺرن.

ڪوئلون ماٺ، انهيءَ ڪاڻ رهيون
هن جي آواز کان
متاثر ٿين.

پوپٽن پاڻ پَر پکيڙي ڇڏيا.
تہ هن جي روپ منجهان،
رنگ وٺن.

رات اِن لاءِ رهي پيئي هئي
ڏسي سگهي انهن
وارن جو وزن.

اوچتو چانڊني ڇٽر مان ڇيو
اڙي آڪاش! هُو پرايو آ!
جنهن لئہ بيچين آهي تنهنجو بدن.

AAKASH ANSARI A POET WHOSE LANGUAGE IS LOCAL & THE THOUGHT IS GLOBAL

The way, theme of dagesthan dominates the poetry of rasul samzator, similarly theme of sindh dominates the poetry of Aakash Ansari.

Rasul samzator, the son and poet of mountains has accurately mentioned some where about poets that, (Poets are not migratory birds. A poet without native land & soil, without heart & home, is a tree without roots, a birds without a nest.)

Who also can better describe a poets definition more then a poet like rasul and in the light of above statement, when you look at Askashs poetry, his poetry is not floating into the air like a lifeless thing. But, like Aakash himself, his poetry is deeply rooted in the soil of sindh.

It gives a pleaşing feeling to think that his poetry is playing the role of a representative and spokesman for the people of his homeland. His poetry is composed of his native melody.

Call it a matter of chance or accident but the chair of Aakash Ansari poetry revolves around three Rs. (it does not stand for rupees)i.e. Resistence, Romance and Revolution.

The most suitable comment on the collection of his poetry (Keean Rahan Jila-watan) can be inspiring and intensive combination and promulgation of romance with

revolution. love with life, people with nature and innosense with anger.

Aakash Ansari belongs to the generation of sindhi pen-prickers and activists who fought hard during the (movement for Restoration of Democracy) against Zias Martial law and Dictatorship. Aakash resistent peoems reflect the pains and pleasures of those worthy days and memeory of struggle, for truth and freedom from a military rule that was once again in history an imposition on the masses of this land.

Aakash is the poet of a period when Sindh was like a hot brass. The eight decade of the last century was to make Sindhis experience the agitation against state, political awareness on its peaks and movement from masses.

He mentions in on of his peome.

(Tunh je kakul je qaidi thian khan age Qed khanan mein kai kashish hui pireen! Jeka waee chhike)

Before being enslaved by your hair, the bars had more attraction then your hair, so they took me over.

His poems bear asesthetic and touchy language of lower Sindh. He represents the land of lacks, Run of kutch, Sea-side, beaches, fishers and other real characters and scenes of an actual country side. He is lucky to be born in district Badin of lower Sindh, with is linguistically, culturally and traditionally so rich in its own perspective.

Sindhi poets have always faced a problem that is when ever you talk affirmatively for the poetry of a poet the comparison always goes to the top most classic poetry of sindh, say Shah Abdul Latif, Shah Abdul Karim, Sheikh Ayaz and other. This results in an attitude that has been discouraging poets. On the other hand Sindhis bear a poetic & romantic nature. Among every ten Sindhis you would find one poet and some body has said that presently there are around 42,000 poets in Sindh. It seems unbelievable!

SOORIH SINDHI ADAB

So making place and being liked in auch critical situation is not an easy task.

You can find the touch of beauty in thses lines when he addresses the changes, the revolution and mouths the masses.

TELL US!

When would you still eome?
For thousands of times
The veils of darkness
Have moved from the breast of night
Our restless, tired and travelling hearts
Have mistaken the frozen nights for dawn
And,
Have startled on false consolations
Tell us!
When would you still come?

In fact all the great names in history are remembered for their insurgency against the out dated customs, values and traditions prevailing in their times. They move against status quo and go beyond the boundaries already defined by the society. They are hardly understood rightly. That is why they rule in the history, cos they move ahead from their own ages.

Aakash went against the stream and qacquired a different, sepate position for him self. He does not allow the flamboyant slogans in his poetry, he has related the heroes of his era to the revolutionary characters any where in the world. His poetry is local, but his thought is global.

I do not know why the critics, analysts and observers of international poetry do not pay attention to the modern classic poets of Sindh and other native languages

SOORIH SINDHI ADAB

of Pakistan. Their poetry can compete without any doubt with the poetry written and sung any where in the world.

From the modern poets of Sindh, the poetry of Sheikh Ayaz, Aakash Ansari, Hassan Dars, Haleem Baghi and others must be translated in English and other widely read understood rich language of the world.

Incidentally. I have gone through the poetry of other modern and classic poets of several parts of the world. And I have never understood the standards and measures of Noble Laureate Jury, who is always just and kind with Europeans, Americans & Latin Americans. The discriminatory attitude of those fidges must be dragged on in the court of history and must be given punishment that they rightly deserve for ignorance and injustice…..

Anyway let us read some lines of a romantic poem of Akash, he syas:

Floods of memories kept coming,
And closed eyes broke open into waters,
Moon criticized over the isolated heart,
And on the loveliness of your blue Akash (sky).
As days passed stars kept on staring with sarcasm,
Floods of mencories kept coming…..
And closed eyes broke open into waters.

ANITA SHAH

SOORIH SINDHI ADAB

ڊاڪٽر آڪاش انصاري هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جي شاعري جو خمير سنڌ جي سڳنڌ ڀري سونهري مٽيءَ مان اڀريو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي شاعري پنهنجي ماڻهن جي حقيقي خيالن جو اظهار آهي. سندن شاعريءَ ۾ عام ماڻهن جي ڏکن، دردن، المين جي اپٽار آهي. پاڻ روايتي شاعرن جيان گل ۽ بلبل يا سڪٽي بهار رت جي گيتن جو راوي ناهي پر پنهنجي دؤر جي ماڻهن ۽ خاص ڪري سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي جذبن جي عڪاسي سندن شاعري ۾ ملي ٿي.

1980ع جي ڏهاڪي کان ابرندڙ هيءَ شاعري اڄ ب پنهنجي ڀرپور انداز ۽ ساڳي خوبصورتيءَ سان اسان جي سامهون آهي. سنڌ بڪ ڪلب جي اداري کي اهو فخر حاصل ٿي رهيو آهي ته سنڌ جي هن سدا بهار شاعر جي شاعري جي ڪتاب "ڪيئن رهان جلاوطن" جو ٽيون ڇاپو اسان مارڪيٽ ۾ آڻي رهيا آهيون. جنهن ۾ اڳوڻي شاعريءَ سان گڏ نئون ڪلام پڻ شامل آهي. اميد ته اسان جي هن ڪوششن کي ساراهيو ويندو.

احمد ضياءَ
چيئرمين
سنڌ بڪ ڪلب
حيدرآباد / نوابشاهه

او ابا آڪاس!
تو وٽ بادل بانورا،
مون کي تن ۾ آس.

مهان ڪوي شيخ اياز جون لکيل هي سٽون، سنڌي جي منفرد انقلابي ۽ عوامي شاعر آڪاش جي نانءُ آهن.

جنهن هن دؤر جي سفاڪ ۽ درنده صفت آمر جنرل ضياء جي دؤر ۾ ڪيل انقلابي شاعريءَ جو مجموعو "ڪيئن رهان جلاوطن" تخليق ڪري، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ املهه ڪتاب جو واڌارو ڪيو آهي.

ان دؤر ۾ جڏهن سنڌ جي مظلوم عوام جي روحن تي به سنگينن جا پهرا هئا. آڪاش نه رڳو "جلاوطن"، "او امان" ۽ "هي قاتل هي قاتل" جهڙا شاهڪار نظم لکندو رهيو پر عوام جي هزارن، لکن جي هجومن ۾ وڏي جوش ۽ بيباڪيءَ سان پڙهي، پنهنجي فن ۽ عوام سان حقيقي ڪمٽمينٽ جو ثبوت ڏيندو رهيو.

"ڪيئن رهان جلاوطن" جي سدا ملوڪ شاعري، جي خالق، لطيف جي رسالي جي حافظ، سنڌي موسيقي جي پارکو ڊاڪٽر الله بخش آڪاش 25 ڊسمبر 1956ع تي ضلع بدين جي ننڍڙي خوبصورت ڳوٺ "ابل جي وسي" ۾ لاڙ جي عوامي شاعر الهڏنو بديسيءَ جي گهر ۾ جنم ورتو.

آڪاش نه رڳو پنهنجي ولولي انگيز شاعريءَ وسيلي پنهنجي مظلوم ماروئڙن جي احساسن جي اپٽار ڪئي پر عملي جدوجهد جي ميدان ۾ به اڳڀرو رهيو آهي. آڪاش جي شاعري دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي، سندس شاعريءَ ۾ جيڪا شاعرانه فني پختگي، لفظن جو حسين ۽ وڻندڙ ترنم آهي، خيال جي گهرائي ۽ ٻولي، جو سادڙو ۽ عوامي رنگ ۽ پنهنجي مقصد سان سچائي ۽ ثابت قدمي، جو سڌ آهي، ان بنياد تي سواءِ ڪنهن وڌاءَ جي چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي موجود شاعرن ۾ آڪاش جو مقام انتهائي وڏو ۽ پاڻ مڃائيندڙ آهي، جنهن کان ڪو به باذوق ۽ ڏاهو ماڻهو انڪار ڪري نه سگهندو.

سارنگ ميمڻ

ڪوٽ لکپت جي قيد وارن ڏينهن ۾، مون وٽ پهچندڙ آڪاش جي شاعري، مون لاءِ سنڌ جي ان وقت جي ٻرندڙ حالتن ۽ سنڌي ماڻهن جي لاڙوال ۽ اڻ ورڇ ذهني ۽ عملي جدوجهد جي بئروميٽر جو ڪم ڏيندي هئي.

ان سموري عرصي ۾، آڪاش جي شاعري ۾ ان دؤر جو، ان دؤر ۾ اسان ماڻهن جو گڏيل درد پيو جهلڪندو ۽ اڇلون کائيندو هو. پر سندس يگاني ۽ ٻاٻرن ٽانڊن جهڙي شاعري ۾ ان درد جي مونٽ پڻ پنهنجي سموري حشر ساماني سان موجود هئي.

”جلاوطن“، ”پنهنجي آئيندي جي نالي“، ”اسان جي مئاسين“، ”او امان“، ”سورج جي ڏند ڪٿا“، ”بدن جو هي ٻنپور“ ۽ ”تاريخ جو هڪ نقطو“ جهڙا، بي بها ۽ پلوڙ شعر لکي، آڪاش هڪ ”عام باغي“ شاعر کان گهڻو تمام گهڻو مٿڀرو ٻيڻل لو لکي.

آڪاش جيڪڏهين پنهنجي شاعري کي مطالعي جي سراڻ تي رکندو آيو ته سندس نالو هڪ ڏينهن ضرور وڏن عالمي شاعرن جي صف ۾ سرموڙ شاعر جي حيثيت ماڻيندو.

رسول بخش پليجو

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوڀار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488